چار داٹا

ابن حیات پنھور

A. Akbar

مهراڻ پبليڪيشن جو پندرهون ڪتاب

چار ڏاڙا

(ٻيون ڀاڱو)

خواجه احمد عباس

ابن حيات پنهور

ڇاپو پهريون: ١٩٥١ع
ڇاپو ٻيو: ١٩٨٤ع
ڪاپيون: هڪ هزار
ڇپيندڙ: مدثر پريس، ناهين جو پڙ حيدرآباد
ڇپائيندڙ: محمدداؤد بلوچ
ادارو: منصور پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌ
آرٽسٽ: علي اڪبر

قيمت: ڇهه [illegible]

پتو: منصور پبليڪيشن
نزد قاضي عبدالقيوم اسڪول ميمڻ
محلو حيدرآباد سنڌ
ملڻ جو هنڌ: سنڌ جا سڀئي مشهور ڪتب فروش

نهايت ادب ۽ احترام سان انهيءَ بزرگ
هستيءَ جي خدمت ۾ جا ڪاڪ جي
لکيا مٿن ۽ ڪڇھ جي بي انداز فضلن
ھوڪيندي ٻيءَ ٻارهوئي انڪ اکھڙو
۽ پيٽ ٻڪوو گذاري!

منصور پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

١-	منهنجا ابا ڪٿ هن جا ابا ڪٿ!	محمد دائود بلوچ	٥-٠٠ رپيا
٢-	وري شل ٻيڙي ٻڌي!	محمد دائود بلوچ	٥-٠٠ "
٣-	ڳالهه هڪ رات جي	گلشن سنڌي	٥-٠٠ "
٤-	ٻاڙي ڏاهه ڀروڙ	بادل جمالي	٧-٠٠ "
٥-	سامائي ڏان سڪ ويا	نيلوفر مظفر	٩-٠٠ "
٦-	ڪهاڻي نمبر ٨٠ع (١٨ مختلف ڪهاڻيڪار)		١٥-٠٠ "
٧-	ڪربلا	نورالهديٰ شاهه	١٨-٠٠ "
٨-	ڀٽي جن ڀروڙ	ابن حيات پنهور	٩-٠٠ "
٩-	چوند سنڌي ڪهاڻيون (١٢ مختلف ڪهاڻيڪار)		١٥-٠٠ "
١٠-	ٽٽل شيشا ۽ آڱريون	نور ڪهلو	١٥-٠٠ "
١١-	ڊائري جا پنا	اڪبر سومرو	٣-٠٠ "
١٢-	ڪهاڻي نمبر ٨٢ع (٢٤ مختلف ڪهاڻيڪار]		٢٠-٠٠ "
١٣-	چار ڪهاڻيڪار چار نقاد	سهيڙيندڙ داؤد بلوچ بادل جمالي	١٠-٠٠ "
١٤-	ذهن جو نوٽ	سنڌيڪار: محمد دائود بلوچ	١٠-٠٠ "
١٥-	چار دانا	سنڌيڪار ابن حيات پنهور	٦-٠٠ "

ترتيب

مترجم جي قلم مان ٦
آمريڪا جو داءُ ٩
چين جو داءُ ٥٠

مترجم جي قلم مان

”خواجه احمدعباس“ هڪ حقيقت شناس ۽ حقيقت نگار اديب آهي، جو زندگي جي لاهين چاڙهين ۽ هيٺ مٿاهين ۾ هميشه مظلوم ڌر جي مدد ڪندو رهي ٿو. خـاص طور اردو ۽ هندي ادب ۾ سندس ڪافي چاڻ سڃاڻ آهي. اسان جي سنڌ اندر به اهڙا ڪيترائي دوست ملي سگهندا جي خواجه جي ادبي خدمتن جو اعتراف ڪندي رهي نه سگهندا.

”چار دانا“ اصل ۾ هندي زبان ۾ مصنف جـي پنهنجي ادبي تخليق آهي جتان پهرين ته دانا ”امريڪا جو دانو ۽ چين جو دانو“ مڪتب شاهراه دهلي وارن پنهنجي رسالي ۾ شايع ڪري هڪ نمڪم ادبي

خدمت سرانجام ڪئي آهي.
مون به ساڳيءَ تصوير کي جا
خواجه جي بلند شخصيت ۽
انسان دوستيءَ سان ڀرپور
آهي، تنهن کي پنهنجي طاقت
آهر سنڌي لباس پهرائڻ جي
ڪافي ڪوشش ڪئي آهي،
ان هوندي به منجهس ڪيترئون
خاميون رهجي ويون آهن، پر
ساڳي وقت افساني جي روح
۽ مصنف جي اصلي مقصد
سان ڪاٻه هٿ چراند ڪانه
ڪئي اٿم.
منهنجي هن اڌوريءَ محنت
جو اهوئي هڪ مقصد آهي
ته اسان جا اهي نوجوان جن
۾ زندگيءَ جي جستجو آهي
سي منجهائنس ڪي ڪجهه
لاڀ پرائين.

ابن حيات پنهور

١- آمريڪا جو داءُو
٢- چين جو داءُو
٣- روس جو داءُو
٤- پاڪستان جو داءُو

بمبئي جي بندرگاهه تي چار غير ملڪي جهاز بيٺل آهن، جي ٻين ملڪن مان ان سان پري آندا ويا هئا. جهاز خالي ٿي چڪا آهن، منجهائن ڪاٺ جون ڳوڻيون لاهي، ريل گاڏيءَ جي وسيلي ٻاهر ۽ ملڪ جي ٻين حصن ڏانهن روانيون ڪيون ويون وڃن. اوچتو جهازن جون سيٽيون لڳيون ۽ دونهين جا ڪڪر هوا ۾ اڏامندي، چارئي جهاز پنهنجو پنهنجو رستو وٺي هليا ويا. بندر جي خلاصين جتي ان جون ڳوڻيون لاٿيون هيون اتي ٻهاري ڏيئي، رهيل کهيل داڻن کي ٻه چپٽين سان چوائيدي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو.

گوديءَ جي فرش ۾ هڪ ڏار هو جنهن ۾ چار داڻا رهجي ويا، ٽي ڪاٺ جا ۽ هڪ جانورن جو. ٻهاريءَ ۽ چپٽيءَ کان اهي بچي ويل چارئي داڻا انهيءَ ڏار ۾ اهڙيءَ طرح لڪل ۽ دٻيل هئا، جهڙيءَ ريت جنگي مورچي ٿي، دشمن جي حملي کان بچڻ لاءِ سپاهي لڪي ويهندا آهن. سارو ڏينهن هي داڻا اهڙو ته خاموش رهيا، ڄڻ سندن وات ۾ زبان ئي نه هئي، ڄڻ ته رڳو ان جائي داڻا هئا. اڌ رات کان پوءِ جڏهن دنيا جي هر چيز چانڊوڪيءَ جي طلسمي چادر ڍڪي سمهي پوي

ٿي، ۽ فقط محبت ئي جاڳندي رهي ٿي، ان وقت چنڊ جي فراق ۾ سمنڊ ڪر موڙڻ شروع ڪري ڏنو، هوا ٿڌيون آهون ڀري ٿي، انسانن جون زبانون خاموش ٿي ويون، ڪائنات جاڳي اٿي ٿي، سمنڊ جي هرهڪ لهر پنهنجو مڌر راڳ ڇيڙي ڏني، ان وقت اوچتو ئي اوچتو چئني دائن پاڻ ۾ چڻ پڻ ڪئي.

پهريون دائو جو ٻن سيني دائن کان وڏو هو ۽ ڏک سان ڳالهائي رهيو هو، سو اهڙيءَ ريت ٿو ٽڪو ۾ ڏنڊا ڏنڊا جملا ڳالهائيندو ٿي رهيو، ڄڻ سندس زبان کنهن تيز رفتار موٽر ۾ سوار هجي، ۽ ڪهس وڃڻ جي تڪڙ هجي، نه معلوم ته ڪيڏانهن ۽— ڇا جي ڪري، هو چوڻ لڳو:

”ڀائروا هيءَ گهڙي شايد وري نه اچي.... ڇو نه پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي رات ڪاٽجي، قسمت سان اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيا آهيون. ڪهڙي خبر سڀاڻي ٻهاريءَ جي تيز سان ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن هليا وڃون!!“

ٻيو دائو جو ڀورڙن وانگر ڏکيو ۽ مضبوط هو، ۽ جنهنجو رنگ ڀورڙن دائي وانگر سرخيءَ مائل هو، سو اهڙي نه ڪڙڪي ڪندڙ آواز ۾ ڳالهائي رهيو هو، ڄڻ انقلابي نعرو هڻي رهيو هجي.... يا زور زور سان ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هجي.... چوڻ لڳو:

”اهو نيڪ آهي دوست! سڀاڻي سوير اسان کي

ضرور هڪيئي ڪان وڇڙيل هوندو.

آءٌ پنهنجي امريڪي دوست جي هن خيال سان همراه نه آهيان ته اسان ڪيِ قسمت يا اتفاق هن هنڌ اچي گڏ ڪيو آهي.... ڪنڪ ۽ جانورن جا دانا هجن يا انسان، تاريخ جي هوا انهن کي ڌوڙ ۽ دز وانگر ڪنهن طرف اڏائي نئي وڃي. اسين ۽ اسان جا دوست انسان، انهيءَ طرف وڃون ٿا جنهن طرف اسان جون تاريخي، سماجي، اقتصادي حالتون ۽ رجحان، اسان کي وٺي وڃڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا. جيڪڏهن منهنجي ساٿيءَ جو مارڪس جي فلسفي جو غور سان مطالع ڪيل هجي ها ته هو اهڙيءَ غلط فهميءَ ۾ ڪڏهن به مبتلا نه ٿئي ها.... بهرحال سان انهيءَ تجويز جي پيرائي ڪريان ٿو ته پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي رات گذاري وڃي.“

ٽيون دانو جو هو ته ننڍو، مگر بدن ۾ پريل ۽

مضبوط هو سو اهڙيءَ طرح ته ڳالهائي رهيو هو، ڄڻ هزارها سالن جي ننڊ سان هينئر جاڳيو هجي....چوڻ لڳو:

”دوستو! اها تجويز نهايت معقول آهي. اسان جي ملڪ جي هڪ وڏي فلسفيءَ، جنهن هزار ورهيه اڳ چيو هو ته ”سڀ انسان ڀائر آهن.... مگر آءٌ چوان ٿو ته ان جا دانا به سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهن، نه ته ڪهڙيءَ ريت دنيا جي چئني ڪنڊن سان هلي، هن ڌارئي ديس ۾ اچي، ٻئي جي هن ڌار ۾ گڏ ٿيون ها!“

چوٿون داڻو جو سيني کان ننڍو هو، ۽ جنهنجي بدن تي سائو رنگ جهلڪي رهيو هو، جنهنجي بدن ۾ جوانيءَ جو جوش به هو ۽ ٻاراڻو ضد به.... هو چوڻ لڳو:

"ڀائرو گهڻ ۾ گهڻ منهنجي لاءِ هيءُ ديس ڌاريو نه آهي، منهنجو پيءُ انهيءَ زمين تي پيدا ٿيو هو، ڇاجي ڪري هن کي هتان ڪڍيو ويو ۽ ڪيئن آءٌ اڄ هتي واپس آيو آهيان، سو به هڪ عجيب داستان آهي، جو وقت اچڻ تي آءٌ اوهان کي کولي ٻڌائيندس. مگر منهنجو خيال آهي، ته جنهن سلسلي ۾ اسين اڄ هن هنڌ ڪٺا ٿيا آهيون، ان متعلق پنهنجي پنهنجي رام ڪهاڻي ٻڌايون."

هينئر ٽيهي داڻن جون نگاهون پهرين داڻي ۾ وڃي کتيون، اهو داڻو، جو ٻين کان ذرا وڏو ۽ مضبوط هو ۽ جنهن ڏک مان ڳالهايو پئي، سو اهڙيءَ ته ڏڪڙ ۾ ننڍا ننڍا جملا ڳالهائيندو ٿي رهيو ڄڻ سندس زبان ڪنهن تيز رفتار موٽر ۾ سوار هجي، ۽ ڪيس وهڻ جي تڪڙ هجي.... نه معلوم ته ڪيڏانهن ۽ ڇا جي ڪري.... سو چوڻ لڳو:

"ڀائرو! اوهان سيني منهنجي ملڪ آمريڪا جو ناڻو ته ٻڌو هوندو.... اسين پنهنجي ملڪ کي "ڀڳوان ڀومي" چوندا آهيون ۽ آهي به برابر اهڙي، ڌليءَ جي

مهرباني سان ڪابه نعمت اهڙي نه آهي جا اسان کي ميسر نه هجي. اسان جي شهرن جون عمارتون اڏيون ته وڏيون آهن جو سندن چوٽيون ڪڪرن سان لڳندي نظر ايندڙيون آهن، اسان وٽ آباديءَ جا ايڏا ته وڏا ڪيت آهن، جو هڪ پڙيءَ کان ٻئي پڙيءَ تائين وڃڻ لاءِ ريل گاڏي يا موٽر ۾ ڏي وڃڻو پوندو آهي، منهنجي پيدائش به اهڙن ڪيتن ۾ ٿي، جتي هر پاڻ، ٻج ۽ پاڻي، مشين سان ڏنو ويندو آهي. جيڪڏهن برسات نه پوي يا برسات ۾ دير هجي، ته هوائي جهازن رستي ڪڪرن تي هڪ اهڙي گئس اڇلي ويندي آهي، جو ڏسندي ڏسندي برسات پوڻ شروع ٿي ويندي آهي. جڏهن مون کي ۽ منهنجي ڀائرن ڀيڻن کي ڪيڙا ۽ جراثيم ستائڻ شروع ڪندا آهن، ته هوائي جهاز کي تمام هيٺ اڏائي هڪ زهريلي گئس ڇڙڪائي ويندي آهي، جنهن سبب جيت ۽ جراثيم هڪدم مري ويندا آهن ۽ اسان تي ان گئس جو ذري جيترو به اثر نه پوندو آهي. جڏهن فصل پچي تيار ٿئي ٿو تڏهن مشين رستي لڻي ڳاهي سموري صاف ڪري، لوهه جي تمام وڏن خالي منارن ۾ بند ڪيو ويندو آهي.

دوستو! مان به انهيءَ مشينن جي ماحول ۾ چانس ۽ نپنس، اوهان کي يقين ڪرڻ گهرجي ته اوهان کان ڪو گهڻو مختلف نه آهيان منهنجي جهڙي پاڻ سچ جهڙو

تہ ”رکو دنيا جا انسان نہ پر دنيا جي ان جا داتا بہ ہاڻ بہ پاڻ آهن“ مون کي اڃان ڏاڍو ياد آهي تہ جڏهن آءٌ ننڍي ہوندي جوان ٿيس تہ ڪيترا ڏکيا کيت سونهري وارن سان چمڪي رهيا هئا.... اهڙا ٿي ڏسڻ ۾ آيا جهڙو هڪ ڇوليون هڻندڙ سمنڊ، جنهن جي لهرن جو سلسلو ساري دنيا کي چوگرد گهيريندڙ هجي، ۽ ان وقت تہ معلوم ڇا جي ڪري منهنجي دل ۾ هيءُ خيال اچي ٿيو تہ جيڪر انهن لهرن جي مٿان اڏامي ساري دنيا جو سير ڪري اچان، ان وقت مون سوچيو تہ هندستان ضرور ويندس.... ضرور ويندس.... مگر منهنجي دل ۾ هن ديس ۾ اچڻ جي خواهش ڇو ۽ ڇا جي ڪري پيدا ٿي، انهيءَ ٻڌائڻ لاءِ مون کي پنهنجي دوست برٽ جو تعارف ڪرائڻو پوندو.

برٽ جو پورو نالو رابرٽ آهي، رابرٽ سمٿ. مگر گهر وارا ۽ دوست، کيس برٽ جي نالي سان سڏيندا هئا. اوهين جيڪڏهن هن کي ڏسو تہ خوش ٿيو، بلڪل خوبصورت قداور جوان، سونهري وار، سونهري ننڍيون ننڍيون مڇون. هن سان منهنجي گهاٽي دوستي آهي، ڇو تہ کيت تي ڪم ڪرڻ وارن مان هڪ اهوئي هو جو اسان سان محبت ڪندو هو، شام جو جڏهن ڪم ختم ٿي ويندو هو، ۽ پيا سمورا مزور پر واري ڳوٺ ۾ ڇوڪرين سان عشق بازي ڪرڻ لاءِ هليا

ويندا هئا... تڏهن برٽ اسان وٽ ڪمت جي منبڙي تي اچي ويهي رهندو هو، يا آرام ڪرڻ لاءِ اٿي پوندو هو، ۽ سگريٽ پيئندو رهندو هو. ڪڏهن پرسان لنگهندي ڪو ساٿي پڇندو هوس ته برٽ! توکي ڇا ٿيو آهي؟ ڏوڙ ۾ ويهي ڪپڙن جي ستياناس ڪري ڇڏي اٿئي. برٽ جواب ڏيندو هو ته مون کي مٽيءَ جي خوشبوءِ وٺي ٿي ۽ اٿئون هو کلي ڏيندو هو. مگر هن جي نيڻن اکين ۾ اها مسڪراهٽ ڪٿي. خبر نه آهي ته هو ڪهڙيءَ گهڙيءَ سوچ ۾ ۽ پراڻيءَ ياد ۾ وڃائجي ويندو هو.... سگريٽ جي دونهين جي ڪڪرن ۾ هن جا خيال خبر نه آهي ته ڪٿي ۽ ڪيترو پري اڏامندا هلياويندا هئا....

برٽ جي هڪ ٻي به عادت هئي، جنهن مان مون کي حيرت وٺندي هئي، جڏهن هو آسمان کي نهاريندي نهاريندي ٽڪبو هو، تڏهن سندس اکيون آسمان ۾ کپي ويندڙيون هيون. هن جي اکين جي گهرائيءَ ۾ هڪ عجيب چمڪ پيدا ٿي ويندي هئي جيئن ڪنهن معشوق جي ديدار سان عاشق جي اکين ۾ پيدا ٿئي. هڪ ڏينهن هو سنهنجي اکين ۾ اکيون وجهي اهڙيءَ طرح نهارڻ لڳو جو مون کان پاڻ جهلبو نه ٿيو... ۽ مون کلي چيومانس:

”برٽ! تون مون کي اهڙي طرح گهوري رهيو آهين جيئن ڪو عاشق پنهنجي معشوق کي.... ممڪن

آهي ته اوهين پڇو ته پلا انسان ان جي ڏاڍن سان ڪهڙن ٿو ڳالهائي سگهي، ۽ ڪهڙيءَ زبان ۾؟ انسان هجن، جانور هجن يا اسمن بيجان ان جا ڏاڍا، محبت ڪرڻ وارا هڪٻئي سان پنهنجو بيان ظاهر ڪيو ڏين.

ها ته پوءِ مون چيس:

”برٽ تون مون ڏانهن هن نموني ڇو ٿو گهورين؟ انهيءَ تي هو هڪ وڏو ۽ ٿڌو ساهه کڻي چوڻ لڳو:

”توکي ڏسندي مونکي ڪنهن جي ياد ٿي اچي“

”ڪير هئي اها؟“ مون پڇيس، ۽ اهو سمجهي ويس ته ضرور ڪا ڇوڪري هوندي.

”سوشما“

”سوشما! هيءَ ته عجيب نالو آهي. ڇوڪرين جا نالا ته مون ڪيترائي ٻڌا آهن. ميري، ماريا، سٽيلا، سلويا، مارگريٽ، مگر سوشما.... هيءَ ڪهڙو عجيب نالو آهي؟“

”هيءَ هندستاني نالو آهي، دوست!“

هن ڪان اڳ ته مون ڪڏهن به هندستان جو نالو نه ٻڌو هو، تنهنڪري مون برٽ کان پڇيو ”مون کي ڏسندي توکي انهيءَ هندستاني ڇوڪريءَ جي ياد ڇو ٿي اچي؟ پلا ڪٿ جي بوجرن وانگر هن جا وار به سونهري ته نه هئا؟“

”نه“ برٽ آهستي چوڻ لڳو، جيئن لفظ هن جي زبان مان نه، پر سندس يادگيريءَ جي گهرائيءَ سان

نڪري رهيا هجن ”هن جا وار ڪارا هئا.... چمڪندڙ ڪارا وار، گهربون ڪاريون اکيون، ۽ رنگ توانگر ڪڻڪ جهڙو هو، هوبهو تو وانگر، تنهنجي ڏسندي هن جي ياد انهي؛ ڪري اچي ٿي جو هو؛ بڪايل آهي ۽ مان هن کي ڪڻڪ جا چند داڻا موڪلڻ چاهيان ٿو پر موڪلي نٿو سگهان....“

۽ پوءِ آهستي آهستي سگريٽ مان سگريٽ دکائيندي هن سوشما سان پنهنجي ملاقات ۽ محبت جي ساري ڪهاڻي ٻڌائي....

ٻي عظيم جنگ ۾ جڏهن جپان جــون فوجون هندستان جي سرحد تي پهتيون هيون، بـرٽ امريڪا جي هوائي ٻيڙي ۾ ليفٽيننٽ هو، ٻين امريڪي هوابازن سان هن کي به آسام جي هوائي اڏي تي موڪليو ويو، جتي هو جپاني بمبازن ۽ هوائي جهازن جو مقابلو ڪندو هو. هڪ ڏينهن برٽ هڪ جپاني هوائي جهاز جو پيڇو ڪندي تمام پري نڪري ويو. دشمن جي ٻن هوائي جهازن موقعو ڏسي مٿس گولين وسائڻ شروع ڪيون. هن جيئن تيئن ڪري هوائي‌جهاز کي بچايو مگر ريڊيو ۽ ڪمپاس ٽڪرا ٽڪرا ٿــي وڃڻ ڪري رستو وڃائجي ويو جنهنڪري ڪيترو ئي وقت هــو برما ۽ آسام جي ســرحد تي رڙهندو رهيو. آخر پهاڙن کي ڇڏي هن ميدان جو رخ ورتو پر ڪيس ڪٿي به همٿ لهڻ

جي جڳهه نظر نه آئي. برسات جي موسم هئي. هرهنڌ
پاڻيءَ ئي پاڻي ٿي نظر آيو. جڏهن هوائي جهاز جو پيٽرول
ختم ٿي ويو، تڏهن هن جهاز کي خيرباد چئي پيراشوٽ
(هوائي ڇٽي) ٻڌي هيٺ ٽپو ڏنو.... ڇٽي کلڻ جي
جهٽڪي ۾ ئي هو بيهوش ٿي ويو.... مگر هيٺ ڪرڻ
جو احساس اڃان ڪي هوس.... ايستائين جو هن کي
ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن کيس ماءُ جي نرم جهوليءَ
۾ وجهي وڌو هجي....

جڏهن هن کي هوش آيو ته هو ماڻهن جي هڪ
پاڙيءَ پريان هئي ۾ ڪن ڪچري ۾ ليٽيو پيو هو،
کيس هڪ ٽنگ ۾ تمام سخت ايذاءُ آيو. سامهون ٻه
ڇهڪندڙ سياه اکيون کيس گهوري رهيون هيون، جن
۾ مسڪراهٽ به هئي سنجيدگي به، تعجب به، هو ۽
اطمينان به، سوال به هو ۽ جواب به، محبت به هئي ۽
حريفانه انداز به.

سوشما پنهنجي ساٿين جي مدد سان برٽ کي اٿاري
کڻي پنهنجي گهر وٺي آئي، هن جو پيءُ ڊاڪٽر هو،
معائني مان معلوم ٿيو ته برٽ جي هڪ ٽنگ ڀڄي
پيئي آهي. ڊاڪٽر جي علاج ۽ سوشما جي پرگهور
هيٺ برٽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ چڱو ڀلو ٿيو، مگر اڃان
گهمڻ ڦرڻ جهڙو نه هو. ان عرصي ۾ ليٽندي ليٽندي
هو ڏسندو رهندو هو ته هر روز رات جو انهيءَ گهر

۽ ڪيترا نوجوان ايندا هئا، جن جي هٿن ۾ سس پس ٿيندي هئي، ڪنهن کي ڇهي ۾ جاءِ تان هٿيار گولين ۽ بارود کڻي پره. ڦٽندي ئي اهي نوجوان غائب ٿي ويندا هئا. پهرين رات جو جڏهن هن اهو ڏٺو سمجهائين ته بخار جي ڪري شايد مون خواب ڏٺو آهي. صبح جو سوير جڏهن سوشما چانهه کڻي آئي تڏهن رابرٽ ڪانٽس رات جي عجيب واقعي متعلق پڇيو. سوشما پنهنجي گهبراهٽ تي قبضو ڪندي چوڻ لڳي:

”اوهان انهيءَ باري ۾ مون کان ڪو به سوال نه پڇو ۽ نه ڪنهن جواب ملڻ جي اميد ڪريو“ برٽ سمجهي ويو ته سوشما جو گهر ڪنهن انقلابي جماعت جو هيڊ ڪوارٽر آهي. برٽ کي سندس انگريز سائين به پڌايو هو ته هندستاني انقلابي، جنگ جي وقت ۾ ڪئيٽ انڊيا جي تحريڪ هلائي رهيا آهن، اصل ۾ جپان جا فاشسٽ بگهڙ آهن، غدار آهن، جمهوري محاذ جا دشمن آهن. انهيءَ لحاظ سان سوشما برٽ جي..... هر انگريز ۽ آمريڪي سپاهي جي دشمن هئي، مگر نه معلوم برٽ کي هوءَ دشمن نه، بلڪ دوست معلوم ٿيندي هئي.هن جي ڳالهائڻ جي انداز ۾ ايتري نرمي هئي، هن جا هٿ ايترا ملائم هئا، هن جي اکين ۾ ايتري معصوميت ۽ محبت هئي جو هوءَ ڪنهن جي به دشمن ٿي نٿي سگهي.

سوشما انگريزي ڇوڪريءَ طرح ڳالهائي سگهندي هئي، جڏهن به موقعو ملندو هو ته برٽ هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو، مگر سوشما پنهنجي انقلابي ساٿين جي باري ۾ ڪڏهن به سوال جي جواب ڏيڻ لاءِ تيار نه هوندي هئي، ۽ نه هوءَ برٽ سان ڪنهن سياسي مسئلي تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ چاهيندي هئي، جي ڪنهن وقت اهڙو ذڪر ڇڙي به پوندو هو ته هوءَ، هيڪهٽي ٽاري ڇڏيندي هئي.

”اوهين اسانجا مهمان آهيو ۽ بيمار آهيو، انهيءَ ڪري مان اوهان سان بحث نه ڪنديس، مان ڄاڻان ٿي ته اوهان اسانکي جواني فاشسٽن جا ايجنٽ سمجهو ٿا، مان ڪابه صفائي ڪرڻ نٿي چاهيان، اوهان جيئن به سمجهو، فقط هيءُ ياد رکو ته اوهان انگريزن جي مدد ڪرڻ آيا آهيو، انهيءَ ڪري اسانجا ماڻهو به اوهان کي دشمن ڄاڻن ٿا.“

برٽ چيس، ”سوشما مان هندستان جي آزاديءَ جو مخالف نه آهيان، منهنجي پڙ ڏاڏي به انهن انگريزن سان لڙي، اسانجي آزاديءَ واري جنگ ۾ جان ڏني هئي. مگر اڄ جڏهن جمهوريت ۽ نازيزم جي ٽڪر ٿي رهي آهي....“

”انهيءَ ڪري هندستانين کي انگريزن جي غلامي قبول ڪرڻ گهرجي. اوهين اهوئي چوڻ گهرو ٿا نه؟“

سوشما ڪِڙڪو ڪري جواب ڏنو ۽ برٽ خاموش ٿي ويو. وري چوڻ لڳو "سوشما خفا نہ ٿي مونکي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر، مان اوهان جو دشمن نہ آهيان"

"تہ پوءِ بحث ڇڏ، ڪا ٻي ڳالهہ ڪر"

"ڪهڙي ڳالهہ ڪريان؟"

"ڪاٻہ"

"توکي نچڻ ايندو آهي؟"

"ها"

"تہ پوءِ جڏهن مان گهمڻ ڦرڻ جهڙو ٿيان تہ مون سان نچنديئن؟"

"اون— اسان وٽ انهيءَ نموني مــــرد ۽ عورت گڏجي نہ نچندا آهن. مان مڻيپور نموني جو ناچ ڄاڻندي آهيان" ائين چئي هن پنهنجي نچڻ واري پوشاڪ ڪڍي اچي ڏيکاري. "ڪيتري نہ خوبصورت آهي هيءَ پوشاڪ" هيءَ تہ وڏي شاندار پوشاڪ آهـــي. بلڪل شهزادين جهڙي، هن جي پهريندي تون تہ شهزادي ڏسبي هوندين." (مگر پوءِ خبر نہ آهي ڪهڙي جذبي هيٺ اچي هن اها پوشاڪ وڪڻي ڇڏي.) "سوشما مون سان گڏ آمريڪا هلندينءَ؟"

"ڇا مطلب؟" ڪاوڙ مان سوشما جون اکيون باهہ جي شعلن وانگر پڙڪڻ لڳيون. "اوهين منهنجي بي عزتي ڪرڻ گهرو ٿا مسٽر رابرٽ! اوهين اســـان هندستاني ڇوڪرين کي ڇا ٿا سمجهو؟"

برٽ انهيءَ تي معافي گهرڻ لڳو، سوشما انهيءَ جو ڪو جواب نہ ڏينديءَ، منهن ڦيري دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳي. انهيءَ تي برٽ چوڻ لڳو تہ هاڻي مان ٿورو کهمي ڦري سگهان ٿو، سپاڻي مان هتان هليو ويندس ۽ پوءِ توکي منهنجون بدتميزيءَ واريون ڳالهيون ڀڙائيون ڏي ڪونہ پونديون، انهيءَ تي چوڻ لڳي:

”مونکي افسوس آهي جو اوهان کي هتان وڃڻ نہ ڏنو ويندو، اوهانکي اسان جي انقلابي پارٽيءَ جي ساري خبر پئجي وئي آهي. اسين اوهان کي هت قيد رکڻ تي مجبور آهيون“

”پلا مان جي ڀڄي وڃڻ جي ڪوشش ڪريان تہ پوءِ؟“

برٽ جي اهتري چوڻ تي سوشما ڪنڌ ڦيرائي پنهنجون نگاهون برٽ جي نگاهن ۾ لڙائيندي چوڻ لڳي:

”مون ڏسون ڪنهون آهي تہ توهان هتان ڪيڏانهن بہ ڀڄي نہ ويندو، ان هوندي بہ جي توهان ڪوشش ڪئي تہ مونکي پنهنجو فرض نباهڻو پوندو“ ائين چئي هن نهايت تيزيءَ سان برٽ جو پستول کڻي ورتو ۽ برٽ حيرانيءَ سان هڪ نازڪ بدن ۽ نرم لهجيءَ واريءَ ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريندو رهيو. هو سوچڻ لڳو تہ وقت اچڻ تي هوءَ مون تي گولي هلائڻ جي جرئت ڪري سگهندي؟ مگر جڏهن سوشما جي اکين ۾ نهاريائين

تـــه کيس خوفناڪ جهاڪ نظر آئـــي، ۽ چوڻ لڳو "تون بي فڪر رهه سوشما! مان پڇڻ جــــي ڪوشش ڪري تو کي خوفناڪ آزمائش ۾ نه وجهندس." انڌيءَ کان پوءِ برٽ سوشما جو قيدي ٿي ويو.

محبت ڪڏهن ٿئي ٿي؟ ڇو ٿئي ٿــــي؟ مان ته ڪنهن جو هڪ حقير داڻو آهيان، وڏا وڏا قابل انسان به انهيءَ سوال جو جواب ڏيئي نٿا سگهن. خدا جو حڪم چئجي؟ قسمت جو ڪيل چئجي؟ يا بقول منهنجي دوست جي قدرتي انساني خواهش کي ديوار ٺهرائجي. حقيقت هيءَ آهي ته محبت کي جڏهن ٿيڻو هوي ٿو ته ٿــي وڃي ٿي ۽ انهيءَ ڳالهه جو خيال نٿي ڪري ته رستي ۾ پهاڙ آهن يا سمنڊ آهن، نسلي تعصب آهي يا قومي اختلافات، اهڙيءَ ريت برٽ ۽ سوشما به هڪٻئي کي چاهڻ لڳا. برٽ سون کي پڌايو هو ته هن پهرين ڏينهن ٿي هندستاني ڇوڪريءَ کي پنهنجي دل ڏئي ڇڏي هئي.

سون برٽ کان پڇو: "اوهين سپاهي ماڻهو ته اڻين ڏي دل اڇلوندڙ ٿيندا آهيو، چون ٿا ته هرهڪ شهر ۽ بندر ۾ اوهان جي هڪ معشوق هوندي آهــــي، هن ويچاريءَ مان به اوهان محبت ڪرڻ شـــروع ڪئي هوندي؟ پلا سوشما جو به توسان محبت جو واعدو هو؟"

برٽ چيو:

"نه اهي هندستاني ڇوڪريون هن معاملي ۾ اسان جي ملڪ جي ڇوڪرين کان مختلف آهن:

هو محبت جو اقرار زبان سان نہ ڪندڙون آهن، ۽ نہ ڪڏهن سوشما بہ مون کي ائين چيو تہ هوءَ مون سان محبت ٿي ڪري. پر پوءِ بہ هن جي اکين ۾، هن جي ڳالهائڻ جي انداز ۾ مونکي سندس محبت جــي پروڙ پئي ٿي. وڌيڪ ثبوت مونکي انهيءَ ڏينهن مليو جنهن ڏينهن هن مونکي وڃڻ جو چيو."

"هيءَ تہ اوندي ڳالهہ ٿي، هن توکي وڃــڻ جو چيو ۽ تون ان مان محبت جو اندازو لڳائين. پــلا محبت ڪرڻ واري بہ ڪڏهن پنهنجي معشوق کي ائين چوندي، تہ هتان هليو وڃ."

"تون سچ ٿو چوين، مگر جن حالتن ۾ هن مون کي وڃڻ جو چيو اهي بلڪل ڏکيون ۽ عجيب هيون. اتــي رهندي ڪيترا هفتا گذري چڪا هئا، منهنجي ٽنگ جو زخم ٺيڪ ٿي ويو ۽ مان گهمي ڦري سگهيس ٿي. پر پاڻ سان سوچيندو هوس تــہ جڏهن منهنجي ٽنگ ٺيڪ ٿي ويندي تہ مان رات جو اوچتوئي اوچتو ڀڄي هليو ويندس، ڏهہ پندرهن ميل پيادل هلي ضــرور ڪنهن شهر يا فوجي ڇاوڻي تائين پهچي ويندس. پــر پوءِ ان گهر ۾ قيديءَ وانگر رهندي بہ آهستي آهستي منهنجي دل ۾ انهن هندستاني انقلابين جــي خلوص ۽ قربانيءَ جو پڪو نقش لڳو. اهي سڀيئي نوجوان هئا جي سرڪاريءَ ني رکي اڪثي وڏي رهيا هئا، ڪنهن ذاتــي

غرض لاءِ نه، پر پنهنجي وطن جي آزادي خاطر. هيءُ سچ آهي ته هنن جا رستا الڳ الڳ هئا، مگر هو ٻئي انهيءَ آزاديءَ ۽ جمهوريت لاءِ لڙي رهيا هئا. ٻن چئن هفتن کان پوءِ مون دل ۾ خيال ڪيو ته جڏهن مونکي موقعو مليو ته ٻيهر نه ڏهن به آءٌ نه ٻچندس. انهيءَ گهر ۾ نه موٽر هئي نه ريڊيو ۽ نه وري ٻيو امريڪي آسائش جو سامان. ڪاڪووهرائي ڏاتوءَ جي ٿالهيءَ ۾ ملندو هو ۽ سڀ مٽيءَ تي سمهندا هئا. ان هوندي به خبر نه آهي ته ڇو مون کي نهايت آرام سڪون ميسر هو. ٿي سگهي ٿو ته رکو سوشما جي ٿي ڪري هجي. ڏينهون ڏينهن منهنجي دل ڇڪجي پئي وڃي ۽ پوءِ هنن به نفرت ڪرڻ ۽ طعنا وغيره ڏيڻ ڇڏي ڏنا. گهر جو دروازو کليو ڪري کليل ٿي رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن جي گهر جا ماڻهو ڪنهن ڪم سان ٻاهر نڪري ويندا هئا ته پوءِ گهر ۾ آءٌ ٿي اڪيلو هوندو هوس يا فقط سوشما جو پيءُ ڊاڪٽر ٻاسو اتي هوندو هو، جو ايترو ته ڪمزور هو جو ڪڏهن ماڻ پڇي وڃڻ جي ڪوشش ڪريان ته هو هرگز روڪي نه سگهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ هندستاني فلسفي، بين الاقوامي سياست يا ڊاڪٽري مسئلن تي ڳالهيون ڪندو هو. هڪ دفعي سوشما ڪنهن ڪم سبب سارو ڏينهن پير واري ڳوٺ ۾ ويئي ۽ جڏهن شام جو موٽي آئي ته مون پوڪ طور ڪانئس پڇيو.

"ڪيئن سوشما! اڄ جيڪڏهن مان ڊاڪٽر صاحب کان لڪي ڀڄي وڃان ها، ۽ ڪنهن پوليس ٿاڻي يا فوجي اڏي تي اوهان جي انقلابي اڏي جي خبر ڏيان ها ته جيڪر ڇا ٿئي ها؟" سوشما نهايت اطمينان سان جواب ڏنو.

"پوءِ به ڇا ٿئي ها، مون کي غداري جي شڪ ۾ ڪٿي گولي هڻي وڃي ها" ائين چوندي هن مرڪي ڏنو، ڪيتري نه خوبصورت هئي ان جي مرڪ! ڀرسان اچ چوڻ لڳي.

"توهان ته تڏهن ويندو، جڏهن اوهان کي زبردستي گهر مان ڪڍيو ويندو."

مان سوشما ۽ ڊاڪٽر باسو، هڪ هنڌ ويهي گڏجي کاڌو کائيندا هواسون، کاڌو تمام سادو هوندو هو، ڀاڄي ۽ رڌل ڀت، ڪڏهن ڪڏهن مڇي ۽ دال. ڀرپائين ته مون کي اصل نه وڻندو هو، پر آهستي آهستي نه رڳو عادت پئجي ويئي پر مزو به اچڻ لڳو. ڪم جي گهڻائي سبب سارو ڏينهن سوشما مون سان ملي نه سگهندي هئي. جنهنڪري مون کي کاڌي جي وقت نهايت بي آرامي سان سندس انتظار ڪرڻو پوندو هو. هڪ دفعي هوءَ کاڌي تي نه آئي، چوڻ لڳي.

"اڄ مون کي بک ڪانه لڳي آهي" خير، ڊاڪٽر باسو سان گڏجي لاچار ٿي چار گرهه کاڌا پيا هئي

ڏينهن به هوءَ ڪاڏي ، شريڪ نه ٿي ”ڇي مون اڄ ورت رکيو آهي....“ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڊاڪٽر به مون سان گڏجي کاڌو کائڻ ڇڏي ڏنو، ۽ ـ وه فقط منهنجو کاڌو ٿالهي ۾ وجهي موڪليو ويندو هو. مون خيال ڪيو ته شايد ٻين ماڻهن جي چوڻ تي مون سان ڇوت ڇات ڪرڻ لڳا آهن ... سوشما کان سواءِ ڪاڏو زهر ٿي آيو. جيئن تيئن ڪري به چار گره نڙيءَ کان هيٺ اچلائڻا ڏسي پوندا هئا. هڪ دفعي جيئن سوشما کاڌو کڻي آئي ته پيٽ تمام ٿورو هو ۽ نـه وري دال هئي نه ڪو آچار، فقط لوڻ جو ذرو هو، ٿالهي اڳيان رکندي چوڻ لڳي:

”برٽ معاف ڪجو! اڄ مون ذرا زياده کاڌو آهي، الهيءَ ڪري اوهان لاءِ ٿورو پيٽ بچيو آهي.“ مون کيس کلي چيو:

”تو کاڌو يا مون، ڳالهه ته هڪڙي آهي. منهنجي ته هاڻ کائڻ تي دل ئي نٿي چوي. جڏهانڪر تو مون سان کائڻ ڇڏي ڏنو آهــي، شايد آءٌ غير ملڪي ۽ ٻئي مذهب وارو آهيان الهيءَ ڪري اها ڇوت ڇات ڪئي اٿئي؟“

سوشما نگاهون هيٺ ڪري چوڻ لڳي:

”نه، اها ڳالهه ناهي، برٽ!“

”پوءِ ڀلا ڪهڙي ڳالهه آهي.“ مـون ذرا سختيءَ سان سوال ڪيو.

”اهو مان پڌائي نٿي سگهان“ ائين چئي هوءَ ٻاهر هلي وئي.

انهيءَ ڏينهن مون اهو پٽ ڏي نه ڪاڏو، ٿالهي واپس ڪرڻ لاءِ رڌڻي ۾ ڪئي ويس، ڏٺم ته هڪ مٽيءَ جي ڪني ٻاهه تي چڙهي پئي هئي، ۽ ان مان اهڙي زور واري ٻاڦ نڪري رهي هئي جو مٽيءَ جو ڍڪڻ هيٺ ڪري پوڻ جو انديشو هو، مون هيڏانهن هوڏانهن نهاريو سوشما ڪانه هئي، خيال ڪيم ته ڪنيءَ کي هيٺ لاهيان متان ڪاڏو نه سڙي وڃي، جڏهن ڪنيءَ کي هيٺ لاٿم، ته منهنجي دل ۾ ميزبانن لاءِ ڪجهه شڪ پيدا ٿيو، مبادا ائين هجي، پاڻ سڙو ڪاڏو کائيندا هجن ۽ مون کي پاليءَ ۾ اوٻاريل جانور ۽ لوڻ چوپڙي ڏني ويندي هجي، اهـو خيال ڪري انهيءَ ٻڙڪندڙ ڪنيءَ جو ڍڪ لاٿم، ڪنيءَ ۾ رجهندڙ ڪاڏو ڏسي منهنجي هٿ سان ڍڪڻ ڪري پٽ پيو، ڪنيءَ ۾ وڻن جا پن ۽ گاهه رجهي رهيو، ائين ڪندي سوشما به اچي وئي، ڪيس ڏسندي منهنجون نگاهون شرم کان هيٺ جهڪي ويون، هوءَ کلي چوڻ لڳي.

”برٽ! اڄا ن به ٻڪ اٿو ڇا؟“

”سوشما! هي ڇا؟ اوهان پاڻ ٻڪن ۾ پاهه تي مون کي ڏي ڪاڏو کارائيندا رهيا آهيو؟“

هن منهنجا ڇيل لفظ ورائي چيا ”توهان ڪاڏو پا

اسان، ڪالهه ته هڪڙي ٿي آهي“ هاڻ منهنجي سمجهه، ۽ اچي ويو ته ڇو سوشما جي گلابي ڳلن جي لالاڻ ڏينهون ڏينهن گهٽبي وڃي، ڇا جي ڪري سندس اکيون ڏرا ڏيئي ويون آهن، ڇو اهڙي پيلي ۽ ڏبري پئي ڏسجي، ڪهڙو سبب آهي جو ڊاڪٽر به ڏينهن بهتري تان نٿو آڻي، سوشما جي انقلابي پارٽي اهڙو ڪمزور ۽ بيمار ڇو ٿي نظر اچي، ڇا جي ڪري سوشما جي ڪٿون جنهن سان هن جو حد کان وڌيڪ پيار هو جا ٿي ڏينهن ٽين مري وئي. هيءَ ٺهري ڪال نه رکيو سوشما ۽ ڊاڪٽر باسوءَ تي هو مگر ساري بنگال تي ڇانيل هو.

سوشما هميشه جي دستور موجب صبح جو سويرو ناشتي لاءِ پٽ ۽ ڪمرڪلمي اٿندي هئي، اڄ به هوءَ دستور موجب هڪ ٿالهي کڻي آئي، ۽ چوڻ لڳي:

”برٽ! هاڻي توکي هتان وڃڻو پوندو.“

”ڇو؟“ منهنجي انهيءَ سوال جي جواب ۾ هن ٿالهي منهنجي اڳيان رکي، ٿالهي خالي هئي! سموروڻي مطلب سمجهي ويس.

”سوشما! جيڪڏهن تون بکي گذاري سگهين ٿي ته مان به بکيو گذاريندس.“

”نه برٽ! تون امريڪن آهين، ڏينهن ۾ پنج دفعا پيٽ پري کائڻ جو عادي آهين. اسين هندستاني

آهيون، سون سالن کان ٻکياڻي رهندا آيا آهيون. تون جلدي تيار ٿي ته مان توکي رستي تائين پهچائي اچان“

”پر سوشما! مان جيڪڏهن توسان غداري ڪيان ۽ تنهنجي جاءِ جو پتو پوليس ڏاڍي تي ڏيان ته پوءِ؟“

”تڏهن به ڪو فرق ڪونه پوندو، منهنجا ٻه ساٿي گرفتار ٿي چڪا آهن، هڪ پوليس جو مقابلو ڪندي مارجي ويو ۽ ٻيو ٻڪ جي ڪري مجبور ٿي پوليس سان ملي ويو، اسين ٻه هي گهر ڇڏي رهيا آهيون، چو ته ٻن ڪلاڪن ۾ پوليس هتي اچڻ واري آهي، هو گهر کي جلائڻ....“

”نه نه!! سوشما هو ائين ڪري نٿا سگهن“

”هو گهڻو ڪي ڪري سگهن ٿا، ۽ ڪن پيا اوهين جلدي تيار ٿيو“

جڏهن اسين چپ چاپ ٻوڪن جي ٻچرن مان لنگهندي رستي تي اچي پهتاسون، تڏهن سوشما چوڻ لڳي:

”چڱو ڀرت! مان هن کان اڳتي هلي نٿي سگهان، مون کي واپس وڃي بابي کي ڪنهن هنڌ پهچائڻو آهي، ڀڳوان منهنجي مدد ڪري“

مون خيال ڪيو ته مون کي جلدي هتان وڃڻ گهرجي متان ڪو پوليس جو گهمندڙ ٽولو اچي نڪري ۽ منهنجي ڪري هوءَ گرفتار ٿي وڃي. اجهان هاڻ واروڻي هرس ته سوشما چيو:

”ٻيهر! هيءُ وٺ! ائين چوندي هن پنهنجي ٿيلهي مان منهنجو پستول ڪڍيو ۽ منهنجي حوالي ڪندي چوڻ لڳي:

”هن کــي سچي آزادي ۽ صحيح جمهوريت لاءِ استعمال ڪجانءِ برٽا!“ پوءِ هن ڪلٽ جي دٻي ڪڍي ۽ ان کي کوليو، ان ۾ پنهنجي آڱر وڌي ”اسان وٽ هيءُ رسم آهي ته ميدان جنگ ڏي وڃڻ وقت سپاهيءَ جي مٿي تي تلڪ لڳايو ويندو آهي ائين چئي منهنجي ڊگهي قد کي پهچڻ لاءِ هوءَ پنهنجي پيرن جـي ٻڻن تي اڀري بيٺي ۽ منهنجي مٿي تي چندن جـو تلڪ لڳايو. جنهن وقت هوءَ تلڪ لڳائي رهي هئي ان وقت سندس گرم ساهه آءٌ پنهنجي چهري تي محسوس ڪندو رهيس ۽ هن جي جسم جي خوشبوءِ سنگهندو رهيس....

موڪلائڻ وقت منهنجي دل ۾ آيو ته هڪ پـل لاءِ کيس پنهنجي آغوش ۾ آڻيان، سندس سرخي مائل لبن کي، سچيل اکين کي، سندس گردن جي خوبصورت خم کي، هڪ وار چمي ڏيان، مگر هن هندستاني آسمان جي هيٺان مون کي ناروا ســان ڪڏ غير ضـروري ۽ معلوم ٿيو. مٿي تي تلڪ لڳائڻ کان پوءِ سوشما هڪ ڪاغذ جي پڙي ڪڍي ۽ مون کي ڏيندي چوڻ لڳي، اسان وٽ هيءُ به رسم آهي ته جڏهن ڪو.... پنهنجو... گهر وارو.... سفر تي ويندو آهي ته ڪاڻڻ جي ڪا نه

ڪا شيءِ ڪيس ضرور ڏني آهي“ مون ٻڙيءَ کي ڪوليندي ڏٺو ته ان ۾ چانورن جا ڳچ سڪل دانا هئا....

مون چيو: خدا حافظ سوشما! هڪ ڏينهن اڄ ضرور موٽي ايندس.“ اڄ هن ڏان موڪلائي روانو ٿيس رستي جي ور ۾ جڏهن آيس، ۽ مون پوئتي نگاهه ڪئي ته سوشما اڃان انهيءَ جاءِ تي بيٺي هئي، مون کي ان وقت نهايت تعجب لڳو ته فصل لاباري جهڙو بيلو آهي ان هوندي به سوشما بڪي.

اڳتي هليءَ هڪ لاري مون ڀاڻ ڏانهن ايندي ڏٺي، ويجهي اچڻ تـــي ان ۾ ڏهه، ٻارهن هندستاني سپاهي، هڪ گورو آفيسر ويٺل هـو، جنجي هٿن ۾ بندوقون، هڪ مشين گن ۽ ٻـــه پستول هئا. هـــڪ امريڪن سپاهي کي ڏسندي هنن لاريءَ کـــي روڪيو. انگريز آفيسر چوڻ لڳو:

”شايد اوهين رستو ڀلجي هيڏانهن اچي نڪتا آهيو، هيءُ ته خطرناڪ علائقو آهي، هتي باغين جو ايترو ته زور آهي جو گورو آفيسر سلامتي سان نٿو وڃي سگهي.“ مون هن کي ٻڌايو ته هوائي جهاز جـي ڇٽيءَ رستي، لٿو هوس ۽ پرسان هڪ ڳوٺ وارن منهنجي جان بچائي. انهيءَ تي هو چوڻ لڳو:

”نهايت عجب جهڙي ڳالهه آهي جو اوهين بچي ويا، خير سڏا هليا وڃو ڏهن ميلن جي پنڌ تي اوهان

کي فوج جي ڇونڪي ملندي، جتان اوهان کي جيپ يا ٽرڪ سواريءَ لاءِ ملي ويندي." مون هن کان پڇيو، "توهان ڪهڙي ڪم سان وڃي رهيا آهيو" چوڻ لڳو "انقلابين جي هڪ اڏي جي خبر ملي آهي، جنهن تي حملي ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون" ۽ اڳ هلندي چوڻ لڳو:

"پار هڪ ٻيڙي جي ڳالهه آهي جو اهيءَ انقلابي ٽوليءَ جي اڳواڻ هڪ ڇوڪري آهي، جنهن جي ڏسڻ ۾ نهايت خوبصورت آهي، چالاڪ آهي. فقط هڪ دفعو ملي وڃي...." موشما جي باري ۾ اهڙا گندا لفظ ٻڌندي مونکي سخت نفرت ٿيڻ لڳي، دل ۾ چيم ته هڪدم ٺپ ڏئي ڇڏيانس، پر انهيءَ خيال آيم ته اهو جيترو هن کي وڌيڪ ترسائيندس، اوترو موشما کي گهر مان نڪري وڃڻ جو وڌيڪ وقت ملندو، تنهنڪري مون گوري آفيسر کي ڇيڙائڻ لاءِ چيو:

"هڪ ڇوڪريءَ کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ٻارهن بندوقون هڪ مشين گن ۽ پستول! اوهين ته وڏا بهادر آهيو" هو چوڻ لڳو:

اوهان امريڪن کي ڪهڙي خبر ته ڇا ٿي رهيو آهي، انهيءَ ڇوڪري سان نه رڳو پنهنجو ڳوٺ پر سڄو علائقو آهي. انهيءَ ڪري ته پوليس کي اڄاڻ تائين پتو پئجي نه سگهيو آهي."

مون اڻ ڄاڻائيءَ ۾ کيس پڇيو: ته ”جڏهن اها ڇوڪري اتان ڀڄي وڃي ته پوءِ ڇا ڪندو؟“

جواب ڏنائين“ ته گهٽ ۾ گهٽ انهن گهرن کي ته ساڙيو ويندو.“

ڀلا ڳوٺ وارن کي ڪهڙي سزا ڏيندئو؟ شايد انهن سڀني کي پڪڙي جيل ۾ موڪليندئو؟“

”نه اسين بيوقوف نه آهيون، جو هن ڏڪار جي وقت ۾ کين ماني کارايون هنن کي سزا ضرور ملندي... رات ٽين تي اوهين هن پهاڙ جي چوٽيءَ تي پهچي ويندئو جتي فوج جي چونڪي آهي، جتان سڀ ڳوٺ نظر ايندا آهن، اوهان پاڻ ئي ڏسجو...“ ائين چئي هن لاري اسٽارٽ ڪئي.

رات ٽين تي آءٌ فوجي چونڪيءَ ۾ پهتس، پهاڙ تي بيهي مون پوئتي نظر ڪئي ته باهه جيئن پوءِ تيئن وڌندي پئي ويئي. مون سوچيو اهو سوشما جو گهر آهي جنهن ۾ مون سڀ کان وڌيڪ محبت جون گهڙيون گهاريون، جتي ويهي ڊاڪٽر بابو، غريب مارين جو علاج ڪندو هو. باهه جيئن پوءِ تيئن وڌندي پئي ۽ هڪ باهه جو سمنڊ ٻنجي چولهون هڻڻ لڳي. مون کي اتان ائين ٿي معلوم ٿيو ته هڪ ڳوٺ نه پر سارو ملڪ سڙي رهيو آهي. مون هڪ فوجي آفيسر کان پڇيو: ”اها ڪهڙي باهه آهي؟ ائين تو معلوم ٿئي ٿو ڄڻ جهنگلن ڇا

جهنگل جلي رهيا آهن؟“ مون پنهنجي پڇڻ کي مروڙيندي چيو ”اهو روزانو تماشو آهي، اهي انهن هارين جون جهوپڙيون ساڙيون وڃن ٿيون جي انقلابين جي مدد ڪن ٿا“

ٻئي ڏينهن سويري آءٌ جيپ تي سوار ٿي امريڪن هوائي اڏي تي پهتس. رستي تي ايتري ته ڪپاگهه هئي جو ساري واٽ هارن وڄائيندي به رستو نٿي مليو. اڳهن تي معلوم ٿيو ته ڇو سڄي هندستان جا ماڻهو ٻاهر رستي تي نڪري پيا آهن. جيستائين نظر پئي ڏسي ته رڳو ماڻهو ئي ماڻهو هئا، مرد عورتون، ٻچار ٻار، پريشان حال، ڏوڙ ۾ ڀريل، پنهنجن ڍڳن ڍڳن کي گهليندا ٿي ويا. مون جيپ جي ڊرائيور کان پڇيو: ”ڪٿي بمباري ٿي آهي ڇا؟“ مون سمجهيو ته جاپاني بمبازن هنن ويچارن کي گهر کان بي گهر ڪري ڇڏيو آهي ۽ غريب جان بچائڻ لاءِ ٻاهر نڪري پيا آهن. مگر ڊرائيور چيو ”اڄو ٻه ٻه ڪچهريون به ٿيون آهن، هي ڏڪار جا ماريل هاري آهن، جي پيٽ لاءِ شهر ڏانهن وڃي رهيا آهن.“

هاڻ مون رستي جي ٻنهي طرفن کان ملندڙ ماڻهن کي غور سان ڏسڻ شروع ڪيو. ٻچن جا سڪل جسم پوڙهن جا مايوس چهرا ۽ نوجوان عورتن جون سڪل ڇاتيون، جن ۾ سوشما به هڪ قاتل ڪٽل ساڙهي ۾

پنهنجي جسم کي لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش سان، اکيون هيٺ ڪري وڃي رهي هئي.

”سوشما!“ مون رڙ ڪئي، ڊرائيور جي بريڪ هڻڻ سان لاري هڪدم بيهي وئي، ڇوڪريءَ اڻ واقف نگاهن سان مون ڏانهن نهاريو.... نه هوءَ سوشما نه هئي، مون ڊرائيور کي چيو ”جهپ هلاءِ.“

انهيءَ ڏينهن، ۽ انهيءَ کان پوءِ ڪيترا دفعا جيتر آءٌ هندستان ۾ هوس ته ڏڪار جي ماريل هارين جي قافلي ۾ مون ڪيترائي دفعا سوشما کي ڏٺو، بکي اگهاڙي ۽ اڌ مئي سوشما، رستي تي هلندڙ ڪابه ڇوڪري مون کي سوشمائي نظر ايندي هئي. موت جي انهيءَ رستي تي سوين هزارين سوشمائون رڙهي رهيون هيون، مگر انهن مان منهنجي سوشما ڪهڙي هئي؟ ڪنهن حال ۾ هئي؟ هوءَ پنهنجي جاءِ ۾ ته ڪين سڙي مري وئي؟ يا پنهنجي ڳوٺ وارن جي پوڪن سان گڏ جيئري جاڳندي جلي وئي، يا هوءَ گوري آفيسر جي شيطان ڪاري جو شڪار ته نه ٿي؟ پوليس جو مقابلو ڪندي مارجي ته نه وئي؟ ڇا هوءَ ٻين انقلابين وانگر پهاڙي رستن کان آسام، ۽ آسام کان برما جي سرحد تي پهچندي، سڀاس چندر بوس جي آزاد هند فوج ۾ ته ڪين گڏجي وئي؟ يا هوءَ بک کان مجبور ٿي ٻين سوين بنگالي ڇوڪرين وانگر، پنهنجي عزت ٽ.. ڪانه

وڪئي رهي آهي-؟ اهي شرم واريون چوڪريون جن کي چوڻ جي به ڪو همت ڪري نٿو سگهي؟ اهي سوشمائون جي ڪڏهن به ڪنهن ڏارڻي سان اکيون اکين ۾ ملائڻ گوارا نه ڪنديون آهن جن جون گهالهائينديءَ به نگاهون هيٺ جهڪيل هونديون آهن.

اهي سوال، اهي خطرا ۽ اهي شڪ مون کي هر وقت پريشان ڪندا رهيا. منهنجي دماغ ۾ هر وقت باهه جا شعلا.... اهي باهه جا شعلا، جن سوشما جي ڳوٺائن جي آباديءَ کي جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو.... ۽ پوءِ بڪايل سوشمائن جو قافلو ڪمزن ماڪوڙن وانگر رينگندو، منهنجي شعور تي ڇانئجي ٿي ويو. جڏهن به مان پنهنجي هوائي جهاز تي دشمن جي فوجي اڏن مٿان بمبازي ڪرڻ لاءِ روانو ٿيس ته منهنجي ڪنن ۾ سوشما جا لفظ گونجندا ٿي رهيا، جيڪي منهنجو پستول مون کي واپس ڪندي چيا:

”مون کي سچي آزادي ۽ صحيح جمهوريت لاءِ استعمال ڪجانءِ، برٽ!“ مان پنهنجي بمن جو بار هلڪو ڪري واپس موٽي ايندو هوس مگر منهنجي دل ۾ هروقت اهوئي شڪ رهندو هو ته ڇا هيءَ جنگ سچ پچ صحيح آزادي ۽ جمهوريت لاءِ لڙي وڃي ٿي؟ هڪ ڏينهن مون کي حڪم مليو ته آسام جي سرحد تي آزاد هند فوج جي مٿان دستي بم اڇلايان. منهنجي

ٻمباز ۾ ٥ ٻم لڳايا ويا. پر جڏهن آءٌ جاءِ تــي پهتس ته ليفٽيننٽ مون کــــي هيٺ اشارو ڪيو، جتي هڪ واديءَ ۾ آزاد هند فوج جو مورچو هو. مان بڇڙائي ٻم ڦٽي ڪرڻ وارو ٿي هوس، ته منهنجي ڪنن ۾ اوچتو سوڀاش جا لفظ گونجڻ لڳا:

"هن ڪي سچي آزادي ۽ صحيح جمهوريت خاطر استعمال ڪجانءِ برٽا!" ۽ مون هڪدم سوچيو ته هي ماڻهو ۽ ته آزاديءَ لاءِ ٿي وڙهي رهيا آهن، هي ته سوڀاش وانگر ٿي آهن، ڪهڙي خبر ته سوڀاش ۽ انهن ۾ هجي. برٽا! انهن پنجن چانورن جي داڻن جي بدلي، جي سوڀاش موڪلائڻ وقت ڏنا هئا، تون هي پنج ٻم هنجي مٿان ڪيرائيندين؟ اهو خيال ايندي ئي ٻمباز کي ڇاتان اڏائي آءٌ هليو ويس. هيءُ پهريون ئي دفعو هو جو مون فوجي حڪم جي انحرافي ڪئي ۽ ٻن ڪيرائڻ کان سواءِ موٽي آيس. پوءِ ڏينهن انهيءَ جرم جي سزا ۾ مونکي ڪورٽ مارشل ٿيڻو پيو، مگر فوج جي ڊاڪٽر معائني کان پوءِ فيصلو ڪيو ته ڏک جي اچڻ ڪري منهنجي دماغي حالت ٺيڪ نه آهي، جنهنڪري مونکي امريڪي هوائي فوج کان خارج ڪيو ويو. مان واپس امريڪا آيس. مگر اڄ به منهنجي لاءِ خانگي هوائي جهازن لائن جي نوڪري ماڻ به مشڪل آهي. جتي به وڃان ٿو منهنجو فوج مان ڊسچارج جو سرٽيفڪيٽ پڙهي، مونکي

نااميد ٿيو وڃي ٿو. بيڪار گھمندي ڦرندي اچي هن
علائقي ۾ پهتس. هتي ته کيت مزورن جي ضرورت آهي
۽ مان به اچي فارم تي ڪم ڪرڻ لڳو آهيان. هي ڪ
ڪم منهنجي لاءِ نئون ضـرور هـو، مگر هيءَ
مزدوري پسند آهي. نه معلوم ڇو نيويارڪ ۽ شڪاگو
جي بازارن مان مونکي سوشما تمام پري ٿي معلوم ٿئي،
۽ کيت جي مٽيءَ مان مونکي نهايت ويجهي نظر ٿي
اچي، ۽ وري جڏهن مان ٽوهان يا ڪڻڪ جـي داڻن
کي ڏسان ٿو ته مون کي بي اختيار سوشما جي ياد اچيو
وڃي. ڇو ته ائين سالن کان پوءِ به مونکي ائين محسوس
ٿئي ٿو ته اڄ به هوءَ بکي آهي، اما جا ٻـالڪ بکن ۾
پاهه ٿيندي به مونکي ڪـاڏو ڪارائيندي هئي، ۽ جنهن
پنهنجي جانورن جا آخري پنج داڻا به منهنجي حوالي
ڪيا هئا، ۽ آءٌ هنکي ڪڻڪ جا چند داڻا به موڪلي
نٿو سگهان.... برٽ ائين چئي وري خاموش ٿي ويو.

برٽ جي ڪهاڻي ايستائين پڄاڻي، داڻو به خاموش
ٿي ويو. ڪجهه دير کان پوءِ وري ٽئين داڻي پڇيس
”پوءِ تو ڇا چيس دوست!“

امريڪي داڻي جي زبان وري چالو ٿـي ”پادرو!
مون اهوئي چيس. جو اسان مان ڪوئي پاڻ ڇوي. مون
چيس: ”برٽ گهبرائين ڇو ٿو، مونکي پنهنجي سوشما
ڏانهن موڪلي ڇڏ، مان به رکو هنجي پيٽ لاهيندس

پر ان ســان گڏ تنهنجا محبت ڀريا پيغام بـه کيس پهچائيندس.''

برٽ ٿڌو ساهه کڻي چوڻ لڳو: ''اهو ٺيڪ آهي دوست! مگر سوشما جو پتوئي ناهي ته هوءَ اڃان جيئري آهي يا مري ويئي؟'' انهيءَ تي مون چيس'' ٿي سگهي ٿو ته هڪ سوشما جو توکي پتو معلوم ڪونهي، پر تو ته هندستان ۾ هزارين ٻالڪ لکين سوشمائن کي ڏٺو آهي، جڏهن انهن جي جان بچائڻ لاءِ مون جهڙن ڪروڙين ڪڻڪ جي داڻن کي موڪليو وڃي ته به ڇا ٿئي؟''

ائين ٿي برٽ جون اکيون کلي ويون'' سوشما ضرور اهڙي پسند ڪندي، هوءَ پنهنجي لاءِ نه ٻالڪ پڻ لاءِ جيئندي هئي. انهيءَ ڪري آءٌ ائين ئي ڪندس، مان اڄ ئي پنهنجي ساٿين سان هن ڳالهه جو ذڪر ڪريان ٿو. اسان جي ديس ۾ لکين ٽن ان جا زياده پيدا ٿين ٿا، ان جون قيمتون اڃان گهٽجڻ ڪين ٿيون ته ان کي ساڙيو وڃي ٿو؛ سمنڊ ۾ اڇلايو وڃي ٿو....

جو نه ان مان ٻه چار لک ٽن اناج جا هندستان موڪليا وڃن.

انهيءَ رات جڏهن برٽ پڻ ڪمٽ جي مزورن ۽ فارم جي منيجر سان هيءَ حقيقت ڪئي ته سڀني کي هيءَ ڳالهه پسند آئي. انهن مان هڪ چوڻ لڳو

”اسان کي ضرور نڪاڻ هندستان جي مدد ڪرڻ گهرجي مگر هي ڪم نہ گورنمينٽ جو آهي. جيڪڏهن اسين سڀ آمريڪا جا معمولي هاري، ڪمت مزور ۽ ڪارخانن جا مزور گڏجي هندستان جي مدد جو مطالبو ڪريون تہ گورنمينٽ نہ ٻڌندي؟“

انهيءَ تي فارم جو مئنيجر جو هيلو ۽ بدتميز هو ۽ برٽ جي آزاد طبيعت جي ڪري جلندو هو، چوڻ لڳو:

”اوهين جاهل، اڻ پڙهيل، دنيا جي سياست کي سمجهو ٿي نٿا، خواهمخواه وچ ۾ ٽنگ اڙائي ٿا ڇڏيو. ٻڌو ٿا تہ ڪانگريس جي اڳيان هڪ باقاعده بل آهي، جو انهيءَ لاءِ پيش ڪيو ويو آهي تہ ڪيترا ڪروڙ ٽن اناج جا ڏڪار جي ماريل هندستانين کي قرض ڏنو وڃي....؟“

”هو بل تہ ڪيترن مهينن کان بيڪار ٿو ڪري ۽ پيو آهي.... آخر پاس ڇو نٿو ڪيو وڃي“ برٽ چيو.

مئنيجر چوڻ لڳو: ”انهيءَ ڪري جو هندستاني اسانجي شرطن کي قبول نٿا ڪن.“

”ڪهڙا شرط“

”اهي شرط تہ روس ۽ ڪميونسٽ چين جي خلاف هندستان اسانکي ساٿ ڏئي، پنهنجي ملڪ جو ڪچو

مال ۽ ڏاڻو، جي هندستان ۾ گهڻي انداز ۾ ٿين ٿا ۽ جنجي اسانکي ضرورت آهي سي اسانکي وهڪرو ڪندو رهي....“

”انهي جو مطلب هيءُ آهي تہ هندستان پنهنجي آزاديءَ کي ۽ سوشما جي عزت کي ڪڻڪ جي ڪجهہ داڻن جي عيوض اسانجي هٿن ۾ وڪڻي ڇڏي... هندستان اهڙو سودو نہ ڪندو، سوشما پنهنجي آبرو نہ وڪڻندي، چاهي بکي ئي ڇو نہ مري وڃي؟“

”سوشما؟“ مئنيجر حيرت سان پڇيو ”اها سوشما ڪهڙي بلا آهي؟“

پرٿ چيس: ”تون سمجهي نہ سگهندين“ ۽ هو اٿي هليو ويو.

هي ڏينهن پرٿ کي معلوم ٿيو تہ سڄي فارم ۾ لابارو شروع ٿي ويو آهي ۽ سڄي آباديءَ جي ٽئين حصي کي لٺي باهہ جي حوالي ڪيو ويندو، انهيءَ ڪري جو انهيءَ سال ان زيادہ پيدا ٿيڻ جي اميد هئي، مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ گهڻي اچڻ سبب قيمت گهٽجي ويندي. ۽ ڪيس اهو بہ پتو پيو تہ رکيو دولت گڏ ڪرڻ لاءِ بکايل هندستان کي سوڪار بدران ساڙيو ٿو وڃي، تڏهن سندس ساري بدن ۾ باهہ جون چڻنگون پکڙجي ويون. سوچڻ لڳو تہ اسين سارو سال محنت مزوري ڪريون، هر ۽ ٽريڪٽر هلايون، ٻج پوکيون، پاڻي ڏيون، لابارو ڪريون، ايترين

محنتن کان پوءِ بہ رڳو واڻ اسٽريٽ جي وڏن پڙن وارن سرمائيدارن جي نفعي خاطر، انکي ساڙيو وڃي؟ برٽ کي هيءَ ڳالھ اصل نہ وڻي ۔ انهيءَ وقت ڏي مئنيجر کي چيائين تہ ”منھنجو نالو ڪيٽ مزوريءَ مان ڪڍيو وڃي ۔ حساب چڪتو ڪيو وڃي“ مئنيجر نہ گھريو ٿي اھو ٿي تہ جيئن برٽ کان ڪنھن ريت سندس جند آزاد ٿئي. ڇو تہ برٽ انهيءَ فارم جي سڀني مزورن جي هڪ يونين (جماعت) بڻائي هئي ۔ هڪ دفعي اسٽرائيڪ جي ڌمڪي ڏيئي سڀني مزورن جي مزوري ۾ واڌارو ڪرايو هئائين. برٽ هفتي جو حساب چڪائي ٻاھر ٿي نڪتو تہ مئنيجر چوڻ لڳو:

”معلوم ٿو ٿئي تہ جنگ جي زماني ۾ ڪنھن هندستاني ڇوڪريءَ سان اکيون اڙائي آيو آهين، پوءِ ڇو نہ تون هندستان هليو وڃين. هوءَ ويچاري تنھنجي انتظار ۾ راھون نھاريندي هوندي ”شايد ننڍڙي برٽ کي تنھنجي اچڻ جا دم دلاسا ڏيئي خاموش ڪرائيندي هجي؟“ ”هنن بد لفظن جي پڌنديشي برٽ کي اهڙي تہ خار لڳي جو هڪ ئي ٺونشي سان مئنيجر کي ڪيرائي وڌائين. ايتري ۾ آنمس جا ٻيا ماڻھو بہ اچي ويا ۔ جن مئنيجر جي چوڻ تي کيس پوليس جي حوالي ڪيو.

برٽ جي گرفتاريءَ جي خبر سڄي فارم مزورن ۾

تميزيءَ سان پڪڙجي ويئي، ڪيترائي مزور ڪيس ضمانت تي ڇڏائڻ لاءِ ٿاڻي تي اچي حاضر ٿيا ۽ ڪيس ضمانت تي آزاد ڪرائي پاڻ سان وٺي ويا. برٽ جڏهن ڪين مئنيجر جي بدتميزي جي حقيقت ٻڌائي، تڏهن سڀني مزورن فارم تي ڪم ڪرڻ کان جواب ڏنو.

"جيستائين برٽ تي ڪيل ڪيس واپس نه ورتو ويندو، تيستر ڪم تي نه چڙهنداسين" انهيءَ ڏسي برٽ کين سمجهايو ته اها ڪا اهڙي وڏي ڳالهه نه آهي، جي مون کي ڪٽي لي چار مهينا سزا اچي ويئي، تڏهن به اوهان کي گڏجي هيءَ گهر ڪرڻ گهرجي؛

"اسان جي محنت سان پيدا ڪيل ان جيڪو ساڙيو ٿو وڃي، اهو هندستان جي بکايلن کي ڇو نٿو موڪليو وڃي" اوهين گڏجي فارم جي مالڪ مئنيجر کي مجبور ڪيو ته اناج کي ساڙڻ بند ڪن ۽ اهو سمورو ان هندستان کي موڪلين."

برٽ جي ڳالهه سڀني مزورن کي پسند پئي ۽ سڀئي گڏجي مئنيجر وٽ ويا. مئنيجر ٽيليفون تي فارم جي مالڪن کي هن مطالبي کان واقف ڪيو. جن جواب ۾ چيس ته ڪنهن به نموني اسٽرائيڪ بند ٿيڻ گهرجي نه ته لاباري جي وقت ۾ اسٽرائيڪ جي ڪري وڏو نقصان ٿيندو."

"ڇو دوستو ڪهڙي ڳالهه آهي" مئنيجر نهايت نرمائي ۽ اخلاق سان مزور جماعت جي اڳواڻن کان پڇيو.

هو چوڻ لڳا ”ڪڏهن اها آهي ته اوهين جو فصل جي اڌين حصي کي ساڙڻ گهرو ٿا. اسين ان جي هڪ داڻي کي به هٿ لائڻ نه ڏينداسين“ انهيءَ تي مئنيجر ذرا مرڪندي چوڻ لڳو ”جيئن اوهين چاهيو ٿا، ائين ٿي ٿيندو.... مگر...“ ائين چئي هو ساڻ تي ويو. ذرا سوچي ڊراماڻي انداز ۾ چوڻ لڳو ”اوهين اهو خيال ڪريو ته جيڪڏهن بيڪار ان کي جلايو نه ويو، ته مارڪيٽ ۾ ان جي گهٽائيءَ ڪري هڪدم اگهه ڪري پوندو“

”ڪري ڏيو“ هڪ مزور ڪڙڪو ڪري چوڻ لڳو ”قيمت اسان مزورن جي کيسي ۾ ٿورو ٿي ٿي وڃي“

مئنيجر سگريٽ کي دکائيندي اطمينان سان جواب ڏنو ”اوهان کي مزوري به ته انهيءَ قيمت مان ڏني وڃي ٿي، اگهه ڪرندو ته مزوري به گهٽ ڪرڻي پوندي، ذرا خيال ته ڪريو“

اهو ٻڌنديئي مزور اکيون ڦاڙي جو جوش ٿڌو ٿي ويو، انهيءَ تي هڪ سمجهدار مزور چوڻ لڳو ته ”اه و فالتو ان جيڪڏهن هندستان کي موڪليو وڃي ته نه ته مارڪيٽ ۾ ان جي گهٽائيءَ ڪري اگهه جي گهٽجڻ ٿيندي ۽ نه وري اسان جي مزوري به گهٽجي.... ڏنهن سان گڏ هندستان جي لکها بکايل انسانن جون حياتيون به بچي پونديون“

مئنيجر بدستور کلندي چوڻ لڳو ته ”اوهين ٺــيڪ ٿو مگر فارم کي تجارتي قانون موجب هلائڻو آهي، پيدائش کي خيرات ڏوروڻي ڪرڻو آهي؟ اوهان جي چوڻ ڪري سپائي ڏانهن فالتو فصل ڪــي جلائڻ کان روڪيو ويندو انهيءَ وچ ۾ اوهان مان جنهن کي ۾ جيترو ان هندستان، جپان يا ڪٿي به موڪلڻو هجي ته پل موڪلي، ڪمپنيءَ کي ڪوبه اعتراض ڪونهي“

مزورن کي مئنيجر جي سموري چــالاڪي سمجهه ۾ اچي ويئي هو لاجواب ٿي ويـــا، آفيس ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي.... ته ڪي اڳواڻ پوئين پهرين موٽڻ ٿــي ڏي هئا ته اوچتو دروازو کليو ۽ دروازي جــي کلندي برٽ اندر آيو، هن مئنيجر جي گفتگو ٻڌنديئي پنهنجي ڪيسي مان به سو پنجونجاهه ڊالرن جي قيمت ڪڍي ميز تي رکي، جا اڄ ڏانهن هن پنهنجي مزوريءَ مـــان بچائي رکي هئي.

”برٽ هي ڇــا ڪري رهيو آهين“ سندس هڪ دوست ڪيس چوڻ لڳو ”سوشما جي لاءِ ان خريدڪري رهيو آهيان“ برٽ جواب ڏنس ”ٻر تنهنجي ساري عمر جي موڙي....“

”ها سچي عمر جي موڙي انهيءَ لاءِ خرچ ڪري رهيو آهيان، جا پاڻ کي بکيو رکي به مون کي ڪاڏو ڪارائيندي هئي، ۽ انهيءَ ملڪ جي لاءِ، جــو هميشه ٻين جي ڏک درد ۾ شريڪ پئي رهيو آهي“

برٽ جي انهن لفظن جو هيءُ اثر ٿيو جو اتي بيٺل سڀني اکوائن پنهنجا کيسا خالي ڪري ڇڏيا.

ٻوريءَ دير ۾ هيءَ خبر سڄي فارم جي مزورن ۾ پهچي ويئي. شام جو سڀئي مزور هاري ٽريڪٽرن جا ڊرائيور سڀني جو آفيس ۾ ميلو لڳي ويو. ڏسنديڏسندي ميز تي ڪيترا هزار ڊالر گڏ ٿي ويا.

انهيءَ ڏينهن شام جو برٽ مون وٽ هنيءَ تي آيو ۽ ساري حقيقت ٻڌايائين. مون چيس:

”تو ته اسان غريبن کي، جٺري جلي وڃڻ کان بچائي ڇڏيو“

انهيءَ تي چوڻ لڳو ته ”رکو اهو نه ٻـر سيائي اوهان هندستان وچـي رهيا آهيو، دوست! توهان ڪيترو نـه خوش نصيب آهيو، جو سوشما جو وجهي ديدار ڪندو.“

مون چيس: ته ”سوشما جو ڪو پتو ته ڏي جتي مان ڪيس ڳولي هٿ ڪريان“

”توهان کي ڳولڻ جي ڪابه ضرورت نـه ٿيندي. هوءَ اوهان کي هر طرف ۽ هر هنڌ ملندي. اتان جي هوا ۾ به اوهان کي سندس جسم جي خوشبوءِ ايندي، سوشما، سوشما ته هندستان آهي دوست!“

ٻئي ڏينهن مون ۽ مون جهڙن ڪروڙها ساٿي دائن کي پاڻ سان لاريءَ ۾ وٺي واشنگٽن جـي هندستاني

سفارتخاني تي چڙهي آيو، لاريءَ کي دروازي تي بيهاري برت گهنٽي وڄائي، اندران هڪ خوبصورت هندستاني ڇوڪري نڪتي، چوڻ لڳي "اوهين ڇا ٿا چاهيو؟"

ٿوري دير تائين ته برت انهيءَ خوبصورت ڇوڪريءَ جي اکين ۾ نهاريندو رهيو، جڏهن اکيون محبت جي حجاب ۾ جهڪي ويون، تڏهن چوڻ لڳو، "هي اناج آندو اٿم، اڄان پوءِ منهنجا پيا دوست به آڻيندا رهيا آهن، اوهانجي ملڪ هندستان جي موڪلڻ لاءِ اسانجي هيءَ حقير قرباني قبول پوي"

اهو ٻڌنديئي هندستاني ڇوڪريءَ جون اکيون خوشيءَ ۾ ڳوڙهن سان ڀرجي آيون، ۽ چوڻ لڳي "شڪريو! اسين اوهانجو هيءُ احسان ڪڏهن به نه وساريندا سون."

مونکي اتيئي ڇڏي برت سيٺيون وڄائيندو واپس هليو ويو، وچ وقت مون ڏٺو ته سندس منهن ۾ اکين ۾ هڪ عجيب سڪون ۽ عجيب خوشيءَ جي چمڪ هئي، جن هن آخري دفعي سوشما جو ديدار ڪيو هجي،

ٻئي ڏينهن اسانکي هندستان جي سفر تي روانو ٿيڻو هو، انهيءَ ڪري اها رات مون هندستاني سفارتخاني جي هڪ گودام ۾ گذاري، رات جو وقت اهڙو نٿي ٿو جو دنيا سمهي پوي ٿي ۽ محبت جاڳي ٿي، اوچتو دروازو کليو ۽ اها ڇوڪري هٿ ۾ بتي کڻي اندر داخل ٿي، هنجا ڪارا وار کليل هئا، جي ڪلهن تي جهولي رهيا هئا، اکيون چمڪي رهيون هيون.... اندر

اينديءَ مون کي ۽ منهنجي جند ساٿين کي پنهنجي نرم ۽ نازڪ هٿن ۾ کڻي، اکيون اکين ۾ وجهي کوڙڻ لڳي؛ اهڙيءَ ريت سندس آتلو آءٌ شرمائجي ويس. مون چيس:

”حسين هندستاني، تون ته مونکي اهڙين کوري رهي آهين، جهڙن کو پنهنجي محبوب کي نهاري“ مون اندازو لڳايو ته جواب ۾ سندس دل اڄ چئي رهي هئي ”توکي ڏسندي مونکي ڪنهن جي ياد ٿي اچي“

مان پڇڻ ٿي ويس ته ”ڪنهن جي ياد اچي رهي آهي“ ته اوچتو ڪنهن جي پيرن جي آهٽ معلوم ٿي، ۽ آواز آيو ”ايتري رات تائين ڇا ڪري رهي آهين، سوشما؟“

”ڪجهه“ نه ٿي چئني داڻو عجب ۾ پئجي پڇڻ لڳو ”اها برٽ واري سوشما هئي ڇا؟“

”اها مونکي خبر نه آهي دوست.... ۽ نه انهيءَ ڄاڻڻ جي ضرورت آهي.... بس دوست! منهنجي ڪهاڻي پوري ٿي. هاڻ چئني دوست جو وارو آهي.

چيني داڻو

هيئنر سيڻي چيني داڻي ۾ نهارڻ لڳا.... ڇانور جو داڻو هو ته ننڍو مگر بدن ۾ مضبوط اهڙي رهـــت ڳالهائي رهيو هو ڄڻ هزارها سالن جي ننڊ مان هيئنر جاڳيو هجي. ڇوڻ لڳو:

”دوستو! اسان جي امريڪي ڀاءُ جي رام ڪهاڻي ٻا ائين ڇنجي ته محبت ڪهاڻي اسان سڀني ٻـــڌي، آءٌ هتي ڪيئن ۽ ڪهڙي مقصد سان آيو آهيان، اهـــا ٻه هڪ محبت جي ڪهاڻي آهي. برت ۽ ـ ـوشما وانگر هيءَ ڇئن سالن جي ڪهاڻي ڪانهي، هيءَ سون سالن جي پراڻي ڪهاڻي آهـــي. منهنجي ڪهاڻي اڄ کان پندرهن سئوسال اڳ شروع ٿي جا هن وقت ٻه هلي رهي آهي ۽ شايد ته هميشه ئي هلندي رهي. اوهان کي عجب نه لڳي ته هيءَ پندرهن سون سالن جي پراڻي ڪهاڻي مون ڇانور جي داڻي کي ڪيئن معلوم ٿـــي، جڏهن منهنجي عمر اڃان هڪ سال جي به نه آهـــي؟ اوهان سڀني سائين کي چڱيءَ طرح معلوم آهي ته اناج جي هرهڪ داڻي ۾ هزارها سالن جي انساني زندگي سميٽل

ٿي ٿي. انساني ترقي ۽ جدوجهد، خوشي ۽ غم، لڙڪ ۽ ٽهڪ، محبت جا گيت ۽ جنگي ترانا.... ڏسڻ وارن اکين ۽ ٻڌڻ وارن ڪنن کي ان جي هڪ داڻي مان ڇا نٿو ملي سگهي

اوهان سڀني دوستن کي اها ته خبر آهي ته مان چين کان آيو آهيان. پنهنجي ملڪ جي تعريف ۾ ڪجهه به چوڻ نٿو گهران، جيئن اسان جي امريڪي دوست ٻڌايو ته سندس ملڪ جا رهاڪو امريڪا کي خدا جي زمين سڏيندا آهن. مون کي منهنجن وڏن ٻڌايو آهي ته وڏا ٻول ٻولڻ نه گهرجن. هزارها سالن کان اسين پنهنجي ملڪ چين کي ”درمياني ملڪ“ ڪوٺيندا پئي آيا آهيون ڇو ته اوهين پڻ ان کي مشرق ۽ مغرب جو درمياني ملڪ سمجهو، يا اتر ۽ ڏکڻ جو، يا هڪ اهڙو ملڪ جنهن جا رهاڪو محنتي هجن، درمياني رستو هلڻ پسند ڪندا هجن، نه ايترا گرم هجن جو ڳالهه ڳالهه ۾ الڪي پون ۽ نه ايترا وري ٿڌا هجن جو گهر کي باهه لڳي تڏهن به خاموش هجن، نه ايڏا وڏا دماغ آهن جو زمين تي نگاهه ئي نه پوين ۽ نه وري ايترا هيٺانهان جو ڪڏهن پلجي به آسمان ڏانهن اک کڻي نه نهارين نه بدمزاج ۽ بدتميز آهن، نه چاپلوس ۽ خوشامندڙيا....

هزارها سالن کان اسين زندگيءَ جي انهيءَ درمياني رستي تي هلي رهيا هئاسين. انهيءَ عرصي ۾ ڪيترا

دور ٻڌايا. ڪيتريون حڪومتون ٺهيون ۽ ڊهيون، ڪيترائي فاتح آيا ۽ ويا، انهيءَ هوندي به اسان جي ملڪ جا رهاڪو، پنهنجي پراڻي ڪلچر جي ڏنڊي تي هلندا آيا. اسان جي سماج ۾ سڀ کان وڏو درجو پڙهيل لکيل ماڻهن ۽ عالمن جو هوندو هو، سپاهين ۽ بهادرن کان سيڙهي ڏجندا هئا مگر انهن جي ايتري عزت نه ڪئي ويندي هئي، البت شاعرن، فنڪارن ۽ قصن ڪهاڻين ٻڌائڻ وارن جي آدر ڀاءُ ٿيندي هئي، اسان جا مصور ۽ ڪاريگر سڄي دنيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ڪاغذ جو استعمال دنيا اسان کان سکيو، ڪتاب ڇاپڻ اسان شروع ڪيا، ريشم جو ڪپڙو اسان بڻايو، سڪن جي بجاءِ ڪاغذ جا نوٽ سڀ کان پهريان اسان رواج ۾ آندا، بارود اسان جي ايجاد آهي. اسين بارود کي خوشيءَ جي موقعن تي آتشبازي ۾ ڪم آڻيندا هواسون، جو پوءِ مغربي ملڪن ۾ پهچندي انسان ۽ انسانن جي بستين کي تباهه ڪرڻ جي لاءِ گولين ۽ بمن ٺاهڻ لاءِ استعمال ۾ آڻدو رهيو.

انهن ڏينهن ۾ سفر ڪرڻ نهايت مشڪل هو. اسين پنهنجي ملڪ جي زمين کي محبت ۽ پيار سبب ”مٺي ڌرتي“ ڪوٺيندا هواسون. اسان جي ديس جا دانشور ۽ ڪاريگر، ساري دنيا کان ايترو اوچا ۽ اڳتي هئا، جو چيني ڪي ڪنهن ڌارئي ملڪ ۾ وڃڻ جي

ضرورت ڪي نه پوندي هئي. تنهن هوندي به هن ملڪ سان اساڻ جو ميل جول ضرور هو. هڪ چيني هو جنهن جا رهاڪو اسان جي زبان، اسان جي لکائيءَ جو ڍنگ ۽ ساريءَ تهذيب جو نقل ڪري سگهيا هئا، پر هندستان، جتان جي رشين، منين، دانشورن ۽ ڪاريگرن جي باري ۾ اسان گهڻو ڪجهه ٻڌو ۽ پڙهيو هو. چين ۽ هندستان ۾ ٻڌ ڌرم جي ذريعي گهڻو تعلق پيدا ٿي چڪو هو. اسان جا ڪيترا ڌرمي مبلغ ۽ ودوان هماليه جي برف وارن پهاڙن تان اڪري هندستان ويندا هئا، اتي ڌرم، ادب، تهذيب ۽ تمدن جو مطالع ڪري ڪيترن سالن کان پوءِ واپس ورندا هئا.

سادن چوڏهن سون سالن جي ڳالهه آهي، جو چانگ چن هندستان آيو هو. حقيقت ۾ هو هڪ مصور هو، مندس رنگين برش نازڪ نازڪ ليڪن سان اهڙيون خوبصورت تصويرون بنائيندو هو، جو ڏسڻ وارا داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهندا هئا. ماڻهو چوندا هئا ته چانگ چن جي برش ۾ ڪو جادو آهي. وڏا وڏا زميندار ۽ جاگيردار چانگ چن کان پنهنجون ۽ پنهنجي زالن جون تصويرون ڪڍائيندا هئا ۽ سون جي اشرفين جون ٿيلهيون پيش ڪندا هئا، مگر هو آواره ۽ سيلاني پنهنجو تباهو ڪچيءَ ۾ وجهيو وٽن، پوڙن، ٻڪين ۽ ٻين قدرتي نظارن جي مصوريءَ ۾ مشغول هوندو هو، خبر نه

آهي ته چا جي ڪري هن ڪي انسانن جي تصويرن چٽڻ کان چڙ هئي، ڪن جو چوڻ آهي ته چانگ‌چن پيڪنگ جي مشهور ڳائڻ واريءَ گل‌لاله سان محبت ڪندو هو، ۽ انهيءَ جون ڪيتريون لاجواب تصويرون تيار ڪيون هوائين، جن ۾ هن گل‌لاله جي ڪاريهر جهڙن ڪارن وارن، گلابي ڳلن ۽ بادامي اکين کي پنهنجي فن سان جاودان بنايو. چانگ‌چن غريب هو جنهنڪري گل‌لاله کي جهڪلي ڳلن کان سواءِ ٻيو ڪي به نذرانو ڏئي نٿي سگهيو، سندس مقابلي ۾ هڪ ڪاٺي زميندار جو پٽ پونگايئون چهائو وقت به وقت سونا زيور ۽ ريشمي پوشاڪون نذر ڪندو رهندو هو. نتيجو اهو نڪتو جو گل‌لاله چانگ چن کان منهن مٽي هميشه لاءِ زميندار جي ٿي وئي، ان کان پوءِ چانگ‌چن، گل‌لاله جون جيتريون به تصويرون بنايون هيون تن سڀني کي ساڙي ڇڏيو. اهوئي هڪ سبب هو جو ان کان وٺي هن انساني تصويرون ٺاهڻ ڇڏي ڏنيون. هڪ دفعي ڪنهن کانئس پڇيو ته تون حسين ڇوڪرين جي بجاءِ رنگين پوٽن جون تصويرون ڇو ٿو بنائين؟ تڏهن چانگ‌چن جواب ڏنو.

”هي خوبصورت ۽ بي‌وفا آهن، هي ڪڏهن هڪ گل کي چوسن ته ڪڏهن ٻئي کي، مگر پوپٽ رکو رس چوسي ٿو پر ڪڏهن به پنهنجي زهريلي ڏنگ سان گل کي نٿو ڏنگي.“

آخر چانگ پنهنجي شڪسته دل کي کڻي هزارها ميلن جو سفر ڪندو گهمندو ڦرندو پيڪنگ کان ڪينٽن پهتو، مگر اڃان به سندس قلب کي اطمينان نصيب نه ٿيو. ڪجهه ڏينهن ڪينٽن ۾ رهندي هن جي زندگيءَ هڪ اوچتو پلٽو کاڌو. ڪينٽن ۾ هن جي هڪ ٻڌڌرم جي مبلغ سان ملاقات ٿي جو هندستان جي سفر جي تياري ڪري رهيو هو. چانگ چيس، ”ڇوگو مان به اوهان سان تيار آهيان، شايد اوهان جي مهاتما ٻڌ جي جنم ڀومي ڀارت ۾ مون کي اطمينان- قلب نصيب ٿئي.“ مبلغ ڀرپائين ته ڏاڍو حيران ٿيو ڇو ته هندستان جو رستو نهايت سخت تڪليف وارو هو. برف سان ڍڪيل پهاڙن جي چوٽين کي پيدل پار ڪرڻو پوندو هو، رستي ۾ ڪيترن ئي سون ميلن تائين ڪاٻه جڳهه، يا ڪوهه نظر نه ايندو هو، برف جي ٽڪرن کي پاڻ سان رکڻو پوندو هو ۽ جڏهن اڃ لڳندي هئي ته برف کي ڳاري پاڻي پيئڻو پوندو هو، جڏهن ڪو برف وارو طوفان اچي ويندو هو ته سڀ پهاڙي رستا برف سان ڍڪجي ويندا هئا ۽ رستي تان ڀٽڪندي ڀٽڪندي ڪيترا مسافر مري ختم ٿي ويندا هئا. انهيءَ ڪري هيءَ عام پهاڪو هوندو هو ته ”هندستان وڃڻ آسان، مگر اتان موٽڻ مشڪل آهي“ انهيءَ هوندي به جن کي ڌرم جي محبت ۽ دنيا جي گهولا

ڪرڻ جي ڏن هوندي هئي اهي انهن سيني مصيبتن هوندي به هليا ويندا هئا.... انهيءَ ڪري ته جيڪڏهن جيئرا رهيا ته سونهري تاجن واري هندستان ۾ ضرور پهچي ويندا.

چانگ‌چن جو ارادو پڏنديئي مبلغ پهرباڻي ته تهران تي ويو. هر پوءِ سوچي خوش ٿيو ته رستي جو هڪ ساٿي ملي ويو. مبلغ جي هيءَ خوش قسمتي هئي جو چانگ‌چن هن جو ساٿي بڻيو. ٽي پاڳي چار رستو ته خيريت سان گذري ويو پر جڏهن تبت ۽ هندستان جي سرحد تي رسيا تڏهن برف طوفان چوطرف گهيري ورتو، آسمان ۽ زمين برف سان سفيد ٿي ويا، سردي ايتري هئي جو ويچاري مبلغ جا پير وڪ ڪٽڻ کان جواب ڏيئي بيٺا، هن لاءِ هڪ وکون اڳتي کڻڻ به ناممڪن ٿي ويو. آخر مجبور ٿي چانگ کي چوڻ لڳو، ”دوست! منهنجو آخري وقت اچي ويو آهي، مون کي هتي ڇڏي ڏي ۽ تون جنهن به نموني ٿي سگهي اڳتي هليو وڃ“ پر نوجوان مصور هيءَ ڳالهه مڃي، پنهنجي ساٿيءَ کي ڪلهن تي کڻي، ٽڙندو ڪرندو اڳتي هلندو هليو. نتيجو اهو نڪتو جو مبلغ جي حياتي ته بچي ويئي ليڪن چانگ مرندي مرندي بچيو. هڪ ڏينهن جڏهن هندستان جي سرحد کان لنگهي هو هڪ ڳوٺ ۾ پهتا، تڏهن چانگ کي سخت بخار چڙهي ويو. انهيءَ

گهوٽ جي پرسان پڳوان پڌ جو هڪ مندر هو. جتي پهچندي کين سهارو ملي ويو. چانگ جو بخار اڳئين کان وڌيڪ تيز ٿي ويو. مبلغ، چانگ کي هندستاني دوستن جي حوالي ڪري پاڻ اڪيلو هليو ويو، رچ-ن کان اڳ هن سينڌي مشهور شهرن، مقدس جاين، اتر ۽ پاٽلي پت کان ڪان وٺي ڏکڻ ۾ مهابلي پرم تائين هڪ لسٽ لکرائي ڇڏي ۽ چانگ کي چيائين ”چاق ٿيڻ تي هليو اچج، پڻين آهي ته ڪٿي نه ڪٿي ضرور اسان جي ملاقات ٿيندي ۽ پوءِ سڄي هندستان جو سفر ڪري ڏسي وٺبي، ڪڏجي واپس وطن ورنداسون.“

مگر هن سرحدي علائقي کان سواءِ چانگ هن هندستان جو ٻيو ڪوبه علائقو ڏسي نه سگهيو. جڏهن هنجو بخار گهٽ ٿيو تڏهن مندر ۾ رهندڙ پڌ جي پوڄارين چانگ تي زور پريو ته هو اجان به ٻه چار هفتا ترسي جيستائين چڱي ۽ ربت چاق ٿئي. وڏي مبلغ جي مرضي هئي ته چانگ کي ٻڌ ڌرم جو پوئلڳ بنايو وڃي ۽ اجان به ٿي سگهي ته کيس برهمچاري بنايو وڃي. چانگ شروع کان ئي مهاتما ٻڌ جي عالي شخصيت کان متاثر هو. انهيءَ مندر جي ماٿيٽي ۽ پاڪ ماحول ۾ هن جي روح سان کان پوءِ اطمينان محسوس ڪيو چانگ بهتر چاتو ته منهنجي دل جي بيماريءَ جو اهوئي علاج آهي ته مان پنهنجي روح کي مهاتما

پڻ جي عظيم روح ۽ ملائڪي چڙهيان ۾ پڙڏرم جو پوڄاري بڻجي وڃان. مندر جو پوڄاري بڻجي وڃان. مندر جي مهنتن لاءِ ڪهڙو رنگ جا ڪپڙا تيار ڪرايا. اهڙيءَ طرح چانگ جي نئين زندگيءَ جي آغاز جو هڪڏينهن مقرر ڪيو ويو.

انهيءَ ڪان اڳئين ڏينهن شام جو چا ئيو جو چانگ گهمندي گهمندي هڪ ڪوٺڙي ڏانهن نڪري ويو. ڪوٺ جي پاهران هڪ ڪوهه هو جتي ڪوٺ جون ڇوڪريون پاڻي ڀرڻ آيون هيون. ڪي آيون ٿي ۽ ڪي ويون پي. ڇوڪرين جي پاڻ ۾ ڪل مسخري لڳي پئي هئي. هڪ پئي ڪي پاڻيءَ جا چندا هڻي رهيون هيون. اوچتو هڪ ڏاڙهي ۾ پرديسيءَ ڪي پاڻ ڏانهن ايندي ڏسي چڙوچڙ ٿي ويون. فقط هڪڇوڪري جنهن اجان پنهنجي گهاگهر نه ڀري هئي رهجي وئي. چانگ جڏهن سندس پرسان پهتو، تڏهن ڏٺو ته هڪ نهايت بدصورت ڇوڪري آهي. ايتري بدصورت جيتري گل‌لاله خوبصورت هئي. پيڪنگ جي حسينه جي رنگت پيلي گلاب جهڙي هئي ۽ هيءَ هندستاني ڪوٺائي ڇوڪري سانوري هئي. گل‌لاله ايتري نازڪ هئي جو جڏهن گلدستو نوڙي ڪٺي ته سندس ڪمر ۾ ورهنجي وڃي ۽ هيءَ ڪوٺائي ايتري ته مضبوط هئي جو پاڻيءَ جي هڪ وڏي پريل گهاگر کڻندي به سندس ڪمر ۾ ور نٿي

پوءِ چانگ دل ۾ سوچيو ته شايد هن ديس ۾ خوبصورت ڇوڪريون آهن ئي ڪين. هي وڏيون وڏيون اکيون، وڏا ۽ بي ڊولا ڪلها، بي شرميءَ جي حد تائين اڀريل سينا ۽ هي مردن جهڙا وڏا وڏا پير. انهيءَ هوندي به هتان جا شاعر اهڙين عورتن جا گيت ڳائين ٿا.

"راڌان! اڙي او راڌان!!" پري سنڌس سهيلين جو آواز هوا ۾ اڏامندي چانگ جي ڪنن تي پهتو.

راڌان! تڏهن بدصورت ڇوڪريءَ جو نالو راڌان آهي. چانگ پنهنجي دل ۾ سوچيو. راڌان! مگر نالو ته خوبصورت آهي.

ايتري ۾ راڌان اما پريل ڪهاڳهر پنهنجي مٿي تي رکندي، چانگ ڏانهن هڪ اچليندڙ نگاهه وڌي. نگاهه وجهنديئي هوءَ پنهنجو رستو وٺندي هلي وئي. سج لهڻ وارو هو ۽ آسمان تي هلڪي هلڪي رنگ جا ڪڪر ڇانئجي ويل هئا، پري کان ڪاٺ جي آباديءَ جي ساوڪ نظر اچي رهي هئي جنهنجي پويان پهاڙن جو سلسلو هو، جو ڀارت کان تبت ۽ تبت کان چين تائين ڦهليل هو. انهيءَ سرحد تي وڏن ڪلهن ۽ مردن جهڙن پيرن واري هلندڙ راڌان چانگ کي ٺاهوڪي ٿي لڳي. هيءَ خوبصورت نظارو فنڪار جي روح کي جاڳائڻ لاءِ ڪافي ٿي لڳو، مگر هن ۾ هلڪي هلڪي جهومندڙ چال سنڌس پريل جسم جا سڊول خط، هن

جي گوڏن جو خم، مرني رڪمل ٿاسي جـــي ڪهاڪهر جي سونهري چمڪ، سڀئي ملي هڪ اهڙي پر ڪشش تصوير ٺهجي وٺي، چالاڪ کي اکين تــي محسوس ٿيو ته اڄ تائين جيڪي هن درختن، ڍنڍن ۽ ٽڪرين جـون تصويرون ٺاهيون هيون، سي بلڪل بيڪار هيون. هن جي دماغ تي هڪ اهڙي بجلي ڪڙڪي وئي ته دنيا جو ڪوبه خوبصورت نظارو انسان کان ســواءِ مڪمل ٿي نٿو سگهي . هن سوچيو ته جيڪڏهن هن وقت جــي نظاري مان راڻين جي جهومندڙ رفتار کي ڪڍبو وڃي ته هي پهاڙ، هي بادل، هي ڪٽ، هي قدرت جو حسن بلڪل ڦڪو ۽ هلڪو ٿي ويندو، هيءَ سموري تصوير بيجان ٿي ويندي. ٿوريءَ دير کان پوءِ هـن پنهنجي ٿيلهي مان ڪاغذ، برش ۽ رنگن جي دٻـــي ڪڍي. ڪجهه گهڙين ۾ پوءِ هن جون پڪيون ۽ سڌيون فنڪارانه آڱريون تيزيءَ ســـان پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويون. هوڏانهن راڻين پيچري جي ور ۽ پوئتي نهاريو، پرديسيءَ کي تصوير ٺاهيندي ڏسي هن سرڪي ڏٺو. سهيليون انتظار ۾ هيون. راڻين جڏهن ويجهي آئي تڏهن سڀئي کيس چهڙائڻ لڳيون.

”ڪير هو اهو پرديسي جو توکي گهوري رهيو هو“ هڪ ساهيڙيءَ پڇيس؟

انهيءَ تي راڻين شرمائي جواب ڏنو:

”ڪو تصوير ٺاهڻ وارو آهي“

اهو ٻڌنديئي سيني وٽي ٺهڪ ڏنو، سندن ٺهڪن جون لهرون چانگ جي ڪنن تائين پهچي وڃون هيءَ پهريون ئي دفعو هو جو سالن کان پوءِ چانگ جي اداس چهري تي مرڪ پيدا ٿي، تصوير جي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ چانگ مندر ۾ پهچنديئي پنهنجا گيڙو رنگ جا ڪپڙا واپس ڪيا. مندر جي وڏي مهنت کي چوڻ لڳو:

”مهنت صاحب! اوهين برابر دنيا کــي ترڪ ڪري سچائيءَ جي ڳولا ڪري رهيا آهيو، پــر مان فنڪار آهيان، مون کي هن ئي دنيا ۾ سچائيءَ کــي ڳولڻو آهي“

پندرهن مهينن کان پوءِ جڏهن سندس وطني مبلغ دوست، سڄو هندستان گهمي آيو تڏهن چانگ کيساڳي ڳوٺ ۾ ڏسنديئي نهايت حيرانيءَ سان پڇڻ لڳو:

”چانگ اڃان اتي آهين، مان تــہ سڄو هندستان گهمي آيس“

چانگ نهايت اطمينان سان چوڻ لڳو:

”مون هن ڳوٺڙي ۾ ئي ساري هندستان کي ڏسي ڇڏيو مبلغ صاحب“ مبلغ چوڻ لڳو:

”هيءَ عجيب ملڪ آهي دوست، هتان جا رهاڪو پنهنجي گهرن کي ڪلف ئي ڪونہ هڻندا آهن“

انهيءَ تي چانگ مرڪندي چيس:

”انهيءَ کان بہ عجيب ۽ وڏي ڳالهہ هيءَ آهــي

جو پنهنجي دل جا طاق به هميشه ٽي ڪلمل رکن ٿا“
مبلغ چوڻ لڳو:
”مون جنهن به هندو پاڻيءَ جي گهر تي ڪئي نه پهچ لاءِ ڪير ٿي ٿي ملهو.“
چانگ ڪندو ڦيرائي راڏان جي طرف ڏٺو جا پنهنجي جهوپڙيءَ مان به پيالا کنيو اچي رهي هئي، ويجهي اچڻ تي چانگ چوڻ لڳو:
”هيءَ منهنجي زال آهي مبلغ صاحب“
مبلغ هندستاني رواج مطابق راڏان جي مرحبا ڪندي چيو، ”مبارڪ هجي هيءَ چهڙ ۽ پارت جي شادي“ ان کان پوءِ هن پنهنجي سفر ۽ هندستان ۾ ڪمل زيارتن جو ذڪر ڇيڙيو ”دوست پاللي پتر، قنوج، قنوج ۽ ڪاشي جي مندرن جا چٽ اصلي سون جا ٺهيل آهن جي سج جي روشنيءَ ۾ اهڙو چمڪندا آهن...“
جهڙي هن منهنجي راڏن جي گهاگهر“ چانگ کلندي پنهنجي زال جي طرف اشارو ڪيو جا کوهه ڏانهن پاڻي پرڻ لاءِ وڃي رهي هئي.
”ها“ مبلغ چوندو ويو ”مانسرور ڍنڍ ايتري نه گهري آهي، ايتري نه گهري آهي...“
”جهڙيون منهنجي چنگوءَ جون اکيون“ چانگ پنهنجي ننڍڙي ڇوڪري کي هنج تي کڻندي چيو. چنگوءَ جون اکيون پنهنجي پيءُ وانگر ننڍيون ۽ ماءُ وانگر گهريون ۽ چمڪندڙ هيون. مبلغ پنهنجي هڪ

ڪپڙي جي بدل هن کي ڪولهيندي چوڻ لڳو "پارت وارن سچ پچ ته اڻلڀ سچائيءَ جي تلاش ڪئي آهي." "ٺيڪ آهي" چاڻڪيه چيو "مگر صحيح سچائي رڳو پالي ۽ سنسڪرت جي انهن پراڻن ڪتابن ۾ ڪانهي، سچائي ٻڙ جي انهن پراڻن وڻن ۾ به آهي جتي ڳوٺن جا پير مرد پاڻ ۾ ڳالهين ڪنديءَ پنهنجا ننڍا وڏا فيصلا نبيريندا آهن، پرسان پهل هڪ جانورن جي ڍير مان مٺ پريندي چوڻ لڳو "سچائي جانورن جي انهن داڻن ۾ به آهي جي منهنجي ۽ راڌان جي گڏيل محنت سان پوکيا ويا آهن، جتي سچي محنت آهي، سچي خوشي آهي، سچي محبت آهي"

افسوس جو راڌان جي سچي محبت گهڻا ڏينهن هلي نه سگهي هڪ ڏينهن چاڻڪ جن جيئن پوک تان موٽي رهيو هو ته واٽ تي کيس نانگ ڪاٽي وڌو، راڌان رڙندي دانهون ڪندي پنهنجي مڙس وٽ پهتي، ڏنگ واريءَ جاءِ تي وات رکي زهر چوسڻ لڳي ويئي، مگر زهر بدن ۾ ڪافي هلي چڪو هو. راڌان کي جڏهن هيءَ معلوم ٿيو ته هاڻ ڇوڪ جي بچڻ جي ڪابه صورت ڪانهي تڏهن سندس اکين جا ڳوڙها هڪدم سڪي ويا ۽ سندس چهري تي هڪ عجيب خاموشي ڇانئجي وئي. هن وري پهر به زخم تي وات رکي زهر کي چوسڻ جي ڪوشش ڪئي هن دفعي جيڪو به رت چوسيائين سو ٻاهر اڇلائڻ بجاءِ شربت جي هڪ ڍڪ وانگر پي ويئي. شام ٿيندي

پنهنجي دم ڏنو، مرڻ کان اڳ چانگ، مبلغ کي گهرائي چيو: "سان ته هنئي ڪڏهن به چين واپس وڃي نه سگهندس، تون چنوڻ کي پاڻ سان وٺي وڃجانء ۽ ڪيس پنهنجي پٽ وانگر پالجانء ۽...." مرڻ وقت پنهنجي هٿن کي بي اختيارانه هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائيندي پاسي ۾ پيل هڪ جانورن جي پير سان مٿ ڪڻي چوڻ لڳو:

"مي جانورن جا دانا وچڻ وقت پاڻ سان کڻي وڃجان ۽ منهنجي پٽ ۽ پوکجانء انهن دانن ۾ منهنجو ۽ راڏان جو خون پسينو آهي، هي امان جي محبت جي نشاني آهي"

اهڙيء ريت چنگو ۽ هندستاني جانورن جا مٺ پر دانا مبلغ سان گڏ چين پهتا. چنگو جڏهن وڏي جوان ٿيو تڏهن پاڻ پوک ڪرڻ لڳو. هيء ماء جي ياد هن کان ڪڏهن به دل تان وسرڻ جي نه هئي. ڳوٺ وارا هن کي "پارتي چنگو" جي نالي سان سڏيندا هئا، هيء جا مٺ پير گڏ روانا ڪيل جانور، جي چنگوء وڏي ٿيل تي چين ۾ پوکيا هئا تن کي به "پارتي جانور" ڪري سڏيندا هئا. سان به انهيء پارتي جانور جوهڪ داڻو آهيان. چنگوء جي عمر نوي سالن جي هئي جو پنهنجي پوپان نو پٽ، ۽ ڏهٽرون، ڪيترا پوٽا پوٽيون ڏوهٽا ڏوهٽيون ڇڏي مري ويو. اڳئين زماني ۾ هن خاندان جي نسل ۽ چڱي واڌ ٿي مگر اڻويهين صديء

۾ اهڙو اڇي ڏڪار ٿيو جو پارٽي چنگوءَ جـي اولاد کي پنهنجي زمين، زميندارن جي هٿن ۾ وڪڻڻي پئي، جي بينگي پئمن ۽ گل‌لالہ جي اولاد مان هٿا اُسوري وقت کان پوءِ پارٽي چنگوءَ جو اولاد، پيڪنگ کان وٺي کينٽن ۽ هانگ‌ڪانگ تائين چڙوچڙ ٿـي ويو، سندن پارٽي چانورن جا فصل، لوفان جي هٿان وڪجي ٻين ملڪن ڏانهن وڃڻ لڳا.

پارٽي چنگونءَ جـي ٿيويهينءَ پيڙهيءَ ۾ ڊاڪٽر چنگ‌ساڻو پيدا ٿيو جو انگريزي اسڪولن ۾ پڙهيو هو ۽ يورپ جي يونيورسٽين ۾ ڊاڪٽريءَ جي تعليم‌حاصل ڪئي هئائين. جڏهن ڊاڪٽر چنگ امتحان پاس ڪري کينٽن ۾ آيو، تڏهن پنهنجي ملڪ کي نهايت بريءَ حالت ۾ ڏٺائين مانچو بادشاهہ پيڪنگ ۾ عيش عشرتون ڪري رهيا هئا، ڪروڙين هاري زميندارن، جاگيردارن ۽ شاهوڪارن جي فولادي، شڪنجي ۾ جڪڙيل هئا، ساري ملڪ جي شهرن، ۽ اڏان جي واپار تي‌غير‌ملڪي سامراجين جو قبضو هو مانچو رکو نالي خاطر بادشاهہ هئا. درحقيقت ان وقت چين تي غير ملڪي حڪومت هئي ۽ جڏهن به رعيت پنهنجي حقن لاءِ سر کڻي آواز بلند ڪندي هئي تـہ مانچو راجا غير ملڪي بندوقن جي مدد سان کين ڪچلي ڇڏيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر سن‌يات‌سين جنهن کي‌ملڪ نيڪالي‌ڏني‌ويئي هئي،

سو پنهنجي ساٿين جي مدد سان لڪي لڪي انقلاب جون تياريون ڪري رهيو هو. ڊاڪٽر چنگ، سن يات سين جي خاص ساٿين مان هو. هو ۽ سندس زال چين سنگ، انقلابي پارٽيءَ جا سڀ کان وڌيڪ جوشيلا ڪارڪن هئا. سندس گهر انقلابي پارٽيءَ جو هيڊڪوارٽر هو. رات جو روز گهرجي پاسرين ڪمرن جون بتيون وسائي تهخاني ۾ سندن ميٽنگ ٿيندي هئي سندن پاهريان انقلابي ساٿي جڏهن پوليس کان لڪي ڪيئن ۾ ايندا هئا تڏهن ڊاڪٽر چنگ سندن ڪوڙا فرضي نالو رکي پنهنجي اسپتال جي رجسٽر ۾ داخل ڪري ڪين اسپتال ۾ بيمار ڄاڻي رهائيندو هو. جن ساٿين جون تصويرون پوليس جي اشتهارن ۾ شايع ڪرايل هونديون هيون ان جي منهن تي پٽيون ٻڌايون وينديون هيون ڇو ته منهن تي ڪو وڏو زخم ٿيل آهي يا ته سارو ڏينهن ڪمبل ۾ منهن وجهيو سخت بيمارن وانگر لڪا پيا هوندا هئا.

ڊاڪٽر چنگ ۽ زال چين سنگ کي دنيا ۾ فقط ٻن شين سان محبت هئي، هڪ انقلاب سان جنهن جي لاءِ پنهنجو تن، من ۽ ڌن سڀڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار هئا. ٻيو پنهنجي ڇئن سالن جي نياڻيءَ چنگلان سان مطلب ته جڏهن به کين ڊاڪٽري ۽ سياسي ڪمن کان فرصت ملندي هئي ته هو چنگلان سان وندرائيندا هئا، هن کي وندرائڻ لاءِ رنگين ڪندا ۽ دل وندرائيندا هئا، هن کي وندرائڻ لاءِ رنگين

ڪاغذن جا لالٽين ۽ نمونی نمونی جا تصويرن وارا ڪتاب ڏيکاريندا هئا، پيءُ ماءُ شروع کان ئي چنگلان لاءِ فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته وڏي ٿيڻ تي هو ضرور ليڊي ڊاڪٽر بڻبي، چنگلان ننڍي کان ئي ڏاڍي چالاڪ ۽ هوشيار هئي، اڪ وڏي گهر کان اسپتال تائين پهچي ويندي هئي ۽ اتي پنهنجي حرڪتن سان مريضن کي کلائيندي رهندي هئي، رات جو جڏهن انقلابي پارٽيءَ جي تهخاني ۾ صلاح مصلحت ٿيندي هئي ته هوءَ هڪ ڪنڊ ۾ چپ چاپ پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ ۽ سندن ساٿين جون ڳالهيون ٻڌندي هئي. اڃا هوءَ لفظ "انقلاب" جو مطلب به سمجهي نه سگهندي هئي. مگر ايترو ضرور ڄاڻندي هئي ته هي سڀئي سندس ملڪ جي غريب عوام جا دوست آهن... "انقلاب" ڊاڪٽر سنياتسين.

گورنمينٽ جا جاسوس هڪ ڏينهن لڪي لڪي ڊاڪٽر سنياتسين جي گهر تي پهچي ويا، انقلابي اڏي تي چوڌاري هٿيار بند پوليس جو گهيرو ٿي ويو. خوش قسمتي سان انهيءَ ڏينهن گهر ۾ نه ڊاڪٽر هو ۽ نه سندس انقلابي ساٿي. رڳو چين سنگ ۽ ننڍڙي چنگلان، جا پنهنجي گڏين سان کيڏي رهي هئي. چون سنگ جيئن پوليس جي موٽرن کي گهر ڏانهن ايندي ڏٺو، هوءَ سڌي تهخاني طرف ڀڳي، جتي نه رڳو انقلابي ڪتاب پيل هئا پر انقلابن ۽ انقلابي اڏن جي

نالن ۾ پتن جون فهرستون پڻ پيل هيون. چين‌سنگ
هنن پيل خطرناڪ ڪاغذن کي جلدي جلدي ڦاڙي
۽ جلائي رهي هئي ته پوليس وارا هڪدم گهرجي ۾ اندر
ڪمرن ۾ اچي گهڙيا، چنگلان کي ڪهڙي خبر ته
هي ماڻهو ڇا جي لاءِ آيا آهن؟ هو ابترين ڍرپسن ۾
انهن تي لڳل تمغن کي ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان نهارڻ
لڳي، جيئن هو سڀئي ڪنهن ڊرامي جا ايڪٽر هجن....
مگر ڪيس اهو معلوم نه هو ته هي ڊرامو ڪيترو
هيبتناڪ ثابت ٿيندو. پوليس انسپيڪٽر پنهنجي آفيسي
اکين کي آهستي آهستي کوليندي چوڻ لڳو.

”ننڍڙي خوبصورت ڇوڪري! تنهنجو پيءُ ڪٿي
آهي؟ چنگلان نهايت البيلائي سان چيو ”هو ته ڪالهه
رات کان ٻاهر ويو آهي“

انسپيڪٽر پنهنجا زرد ۽ غليظ ڏند ڏيکاريندي چوڻ
لڳو ”ڀلا ڪيڏانهن ويو آهي تنهنجو پيءُ اسان جو هن
۾ هڪ ضروري ڪم هو“

انهيءَ تي چنگلان پنهنجي گـڏيـن کـــي ٻريرو
ڪندي ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو ”اهو مونکي
معلوم ڪونهي، باقي انقلاب صاحب اچڻ وارا آهن ته
ضرور ان کي وٺي ويو هوندو“

انسپيڪٽر جي مسڪراهٽ ۾ زهر گڏيل هـو.
پنهنجي سپاهين کي اک هڻي چوڻ لڳو ”شاباس ڌيءَ

شاباس! تون ڏاڍي هوشيار آهين. ڀلا هي ته ٻڌاءِ، ته تنهنجي ماءُ ڪٿي آهي؟“

چنگلان گڏهن کي بند ڪري اتي ڪڙيءَ تي ”اها ته هيئنر هيٺ تهخاني ۾ وئي آهي.“

”تهخانو“ انسپيڪٽر حيرانيءَ سان ساڳيا لفظ ورائي چيا.

”ها، ها! تهخاني ۾، اتي ئي ته بابا، چاچا فانگ ماما ماڏو ۽ امان، سڀئي انقلاب صاحب جون ڳالهيون ڪندا آهن.“

هن سوچيو ته هي ماڻهو ڪهڙا نه ڏکڙا ۽ جلد باز آهن، مون اڃان ڳالهه پوريئي ڪانه ڪئي ته هو تهخاني جي ڏاڪڻ تي هيٺ لهڻ لڳا آهن. شايد هي به انقلاب صاحب جا مهمان آهن، شايد انقلاب صاحب جي اچڻ جي خبر ٻڌي آيا آهن ۽ انهيءَ ڪري ئي هننکي امان سان ملڻ جي ڏکڙ آهي. اهو سوچيندي هوءَ مرڪڻ لڳي، اڄ انقلاب صاحب جا ايترا دوست گڏجي آيا آهن جو امان کي انهن سڀني لاءِ کاڌو ٺاهڻو پوندو....

اتي ئي بيٺيئي هنکي پنهنجي ماءُ جي هڪ اهڙي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي، جو سندس ننڍڙي معصوم دل هڪدم ڌڪي ويئي، ان هوندي به سندس چهري تي اڃان مرڪ نمودار هئي. جيئن سچ جي لهي وڃڻ کانپوءِ به

ٿوريءَ گهڙيءَ لاءِ اس هوندي آهي.... مگر جهڙي طرح اها نقلي ۽ دوکيباز هوندي آهي اهڙي طرح سندس اها مرڪ به هڪ دوکو هئي. جيئن ڪنهن مردي جي چهري تي هڪ ڪلنڊڙ نقاب چاڙهيو وڃي.... انهيءَ گهڙي ۾ ئي ننڍڙي چنگلان جي دل به مري چڪي هئي، سندس ماءُ جي رڙ ۾ غم به هو ۽ غصو به، حيراني به هئي ۽ نفرت به، خوف به هو ۽ دليري به پڪار به هئي ۽ فرياد به، ليڪن چنگلان جي لاءِ انهيءَ رڙ ۾ سندس ماءُ جي موت جو اعلان هو. نه معلوم ته ڇو ڪيس هڪدم يقين ٿي ويو ته سندس ماءُ مري چڪي آهي، نهره آئيمي اکين واري ۽ زرد، غليظ ڏندن واري انسپيڪٽر ماري ڇڏي آهي. موت جي خوف اڪيلائيءَ جي احساس ڇوڪريءَ جي گلي کي اهڙو ته گهٽي ڇڏيو جو نه سندس منهن مان دانهن نڪري سگهي نه اوچنگار. هنجا پير پٿر بنجي ويا، نه هو ماءُ جي مدد لاءِ اسپتال ڊوڙي سگهي، ڪمپائونڊرن کي سڏڻ لاءِ اسپتال جي طرف....

ڪجهه دير ڪان پوءِ پوليس وارا ڪاغذن جا ٽڪر، ڇاپي جي مشين ۽ ڪيترائي ڪتاب ڪٺي تهخاني ڪان باهر نڪتا چنگلان اڃان به انهيءَ نموني بيٺي هئي. غير فطري خوفناڪ مرڪ اڃان تائين سندس چپن تي هڪ مثل جونءِ وانگر چنبڙيل هئي. سندس اکون ڏٺو

ته انسپيڪٽر وڏي اطمينان سان پنهنجي ڪوٽ جا ٻيڙا بند ڪندو ٿي اچي رهيو آهي، ۽ سندس آفيمي اکين ۾ هڪ عجيب ۽ زهريلي چمڪ هئي، جهڙي چنگلان هڪ دفعي ڪنهن ميڙ ۾ شيطان جي اکين ۾ ڏٺي هئي.

هن دفعي انسپيڪٽر ۽ سمورا سپاهي چنگلان سان سواءِ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي ٻاهر نڪري ويا ۽ سڄي گهر تي خاموشي ڇانئجي وئي. هاڻ چنگلان آهستي آهستي، ڊڄندي ڊڄندي تهخاني جي ڏاڪڻ تان لهي هيٺ وئي، ڪمري ۾ هڪ اگهاڙو بلب زرد روشني ڦهلائي رهيو هو، انهيءَ روشنيءَ ۾ چنگلان کي زمين تي پنهنجي مثل ماءُ جو چهرو اهڙو ته ڏسڻ ۾ آيو جو ڄڻ ته هوءَ اجهو ٿي ڳالهائي. هن جون اکيون حيراني سبب کليل هيون، چپ نفرت کان پڪوڙيل هئا، مٺيون بند هيون ۽ هنجي سفيد ڪپڙن تي تاري خون جا ٽڪا هئا.

چنگلان کي معلوم ٿيو ته جڏهن رشتيدار مري ويندا آهن ته سڀ روئندا ۽ پٽيندا آهن، هاءِ هاءِ ڪندا آهن. اڳئين سال جڏهن سندس ڏاڏي وفات ڪئي هئي ته گهر ۾ ڪيترو نه روڄ پٽڪو ٿيو هو، مگر ڪوشش ڪرڻ تي به چنگلان پنهنجي اکين ۾ ڳوڙها آڻي نه سگهي. هنجي خوفناڪ مرڪ جي مثل جونءَ اڃان تائين هنجي چپن تي چنبڙيل هئي. ان هوندي به هنجي

دل ۾ ڪا شيءِ ٽڪر ٽڪر ٿي چڪي هئي، هنجي خوشي ۽ هنجي معصوميت، هڪ پل ۾ هن کان وڇڙي چڪو هئي.

چين سنگ جهڙن ڪيترن ئي شهيدن جي خون آخر رنگ لاتو. انقلاب ڪامياب ٿيو، مانچو بادشاهن جي بادشاهت ختم ٿي ۽ چين ۾ عام ماڻهن جي حڪومت قائم ٿي. ڊاڪٽر سن يات سين پهريون ئـــي پريزيڊنٽ چونڊيو ويـــو. هڪ ڏينهن جڏهن هو پنهنجي دوست ڊاڪٽر چنگ رٽ دعوت تي آيو، نهايت محبت ۽ پيار سان ننڍڙي چنگ جي مٿي تي هٿ ڦيرائين. ڳالهين ڪندي جڏهن ڊاڪٽر سن يات سين، ڊاڪٽر چنگ کـي چيو ته هو پنهنجي سرڪار جي محڪمه صحت کـي پنهنجي هٿن ۾ سنڀالي چنگلان ڏٺو ته سندس پيءُ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ سندس اکيون سامهون ديوار تي ٽنگيل پنهنجي زال جي تصوير ڏانهن کڄي ويون چون لڳو ”چين سنگ هميشه اهوئي خواب ڏسندي هئي چوندي هئي ته انقلاب کان پوءِ توهان ڊاڪٽر سن جي سرڪار ۾ محڪمه صحت جو انچارج ٿيندين، تڏهن ئي توهان پنهنجي ڊاڪٽريءَ سان پنهنجي ملڪ جي خدمت ڪري سگهندين“ ڊاڪٽر سن ڳالهه کـــي ڦيرائيندي چون لڳو ”ڏس چنگ، پنهنجي ڌيءَ کي ضرور ڊاڪٽري جي تعليم ڏج. ڪيئن ڌيءَ توهان ايندي ڊاڪٽر ٿيندين نه؟“

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر سن به هن جهان مان هميشه لاءِ موڪلائي روانو ٿيو. انقلاب کان پوءِ رد عمل جو دور آيو. هارين ۽ مزورن جي طرفداري ڪرڻ وارن کي ڳولي ڳولي نوڪرين مان ڪڍيو ويو ۽ هڪ دفعي وري ڊاڪٽر چنگ ماڻو جو نالو خفيه پوليس جي دفتر ۾ شڪي ماڻهن جي لسٽ ۾ داخل ڪيو ويو. چنگ لان جا هاڻ پيڪنگ جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندي هئي، جڏهن موڪل تي گهر آئي تڏهن هن ڏٺو ته سندس پيءُ جي مٿي جا وار سفيد ٿي چڪا هن، چهري تي گهنج وري ويا آهن، مگر سندس انقلابي جوش اڄ به اهڙوئي آهي، اڄ به هنجي گهرجي پڃالي ۾ انقلابي گڏ ٿيندا هئا، اڄ به پوليس کان بچڻ لاءِ انقلابي نوجوان ڊاڪٽر چنگ جي اسپتال ۾ مار بنجي رهندا هئا. چنگ لان سوچيو ته انقلاب ته ٿيو مگر اسين اهڙي جا اهڙا. جوڪڏهن جلد هن حڪومت جو تختو اونڌو ته ڪيو ويندو ته ماڻچو حڪومت وانگر هيءَ زميندارن، شاهوڪارن ۽ غير ملڪي سامراجي پٺن جي حڪومت، هارين ۽ مزورن جو خون چوسيندڙ وانگر چوسيندي رهندي. هيئنر هوءَ ته رڳو سي ڳالهين کي سمجهڻ لڳي بلڪ انهن ۾ حصو به شروع ڪيائين. هن جي پيءُ هڪ ڏينهن کيس چيو:

”چنگ لان مان سوچي رهيو آهيان ته اسان ڏي هتان ٻري اتر جي طرف هلڻ گهرجي، اتي ڪميونسٽ...؟

صوبن ۽ هارين ۽ مزورن پنهنجي حڪومت قائم ڪئي آهي، پنهنجي فوج بنائي آهي ۽ هو هن رجعت پسند مرڪزي سرڪار جي فوجن جو بهادرانه مقابلو ڪري رهيا آهن"

هو اجان ڪمنٽن چڱي جي تياري ئي ڪري رهيو هو ته هڪ ڏينهن پوليس اچي گهر تي گهيرو ڪيو. پريسون بدليل هيون، وارنٽ مانچو مهاراجا جي بدران نئين حڪومت جي صدر طرفان جاري ڪيل هئا. پوليس جي ٽولي ڪري گهر ۾ گهڙندي ئي چنگ‌لان انسپيڪٽر کي سڃاڻي ورتو، اهو ساڳيو ئي آهي اکين ۾ زرد ڏندن وارو جنهن چوڏهن سال اڳ هن ساڳيءَ جاءِ تي حملو ڪيو هو. ڊاڪٽر چنگ کي گرفتار ڪيو ويو ۽ جڏهن کيس ٻاهر وٺي وڃي رهيا هئا، تڏهن هن فقط هڪ نظر ڏيئي ڄاڻهن وجهندي چيو "چنگ‌لان گهبرائج نه" چنگ‌لان نهيءَ جو مطلب سمجهي ويئي، پئس کيس حڪم ڏئي رهيو هو ته اتر جي انقلابي ساٿين سان وڃي ملي ۽ انهيءَ راتئي هوءَ اتان غائب ٿي وئي. ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر چنگ کي غداريءَ جي ڏوهه ۾ ٻين پنجويهه ساٿين سان گڏ گولي هنئي وئي.

ماءُ جو موت، پيءُ جو قتل، گهر جو چنجڻ، ڪاليج جي پڙهائيءَ جو بند ٿيڻ، چنگ‌لان جي دل تي ڪيترا پراڻا ۽ نوان گهاو هئا. هن جو خيال هو ته

اتر ۾ پهچي ڪجهہ گهڙيون آرام سان گذاريان، پر جيئن اچان هن هڪ فوجي اسپتال ۾ نرس جو ڪم مس شروع ڪيو تہ مرڪزي حڪومت جي فوجن حملو ڪري ڏنو.

انقلابي چئني طرفان گهيرجي ويا. هاڻ هنن جي اڳيان فقط ٻہ رستا هئا، يا تہ شڪست قبول ڪن يا تہ راتورات اوچن پهاڙن تان لهي اتر طرف وڃي تمام گهڻو پري پهچن ۽ نئين سر پنهنجو هارين ۽ مزورن جو راڄ قائم ڪن. سندن فوج جي ڪمانڊرن ڪوچ جو حڪم ڏنو ۽ اونداهيءَ رات ۾ هيءُ مختصر قافلو روانو ٿيو. هي ماڻهو خانہ بدوش ٿي نہ هئا، ۽ نہ فقط پنهنجا گهر ٻار ڪنڌن تي کنيو وڃي رهيا هئا، بلڪ هيءُ هڪ نئين طرز- حڪومت، هڪ نئون نقطہ نظر، هڪ نئين دنيا کي پاڻ سان کنيون پهاڙن، ندين، ريگستانن جهنگلن ۽ ميدانن کي پار ڪندا وڃي رهيا هئا. رستي ۾ مٿن ڇا ڪجهہ گذري بڪ، اڃ، بيماريون، دشمن جي فوجن جا حملن تي حملا! هوائي جهازن جي بمبازي، ڪيترن ٿي راهہ ويندي پنهنجي نيڪ مقصد ۾ پياريون حياتيون ڪلندي قربان ڪيون. باقي جي ڪجهہ بچيا سي تڪليفن کي سهندي سهندي ڪندا ٿي ويا. هيئنر نرس جي حيثيت ۾ چنگلان کي پنهنجي ڊاڪٽريءَ جو ثبوت هر وقت هٿ ۾ ٿي ڪٿو پيو. هنجي اکين اڳترو

درد ۽ ڏک، بيماري ۽ لاچاري ڏٺي، جو سندس چهري تان ئي نه، بلڪ اکين مان هميشه لاءِ مرڪ موڪلائيندي رهي. جوئن کان تنگ اچي هن پنهنجا ڪارا چمڪندڙ وار چوڪرن وانگر ننڍا ڪرائي ڇڏيا، جڏهن هن جا سڀ ڪپڙا ڦاٽي ويا، تڏهن هن به فوجي سپاهين واري ڊريس پاتي. سڄو سيارو هڪڙي ڪپهه ڀريل ڪوٽ ۾ گذاريائين، انهيءَ کي ئي پائي سمهندي هئي. سفر جي دوران هن کي ڪڏهن به وهنجڻ جو موقعو نه مليو، آخر هڪ ڏينهن هو يينان پهچي ويا. هيءَ جڳهه ايترو پري ۽ جبلن جي وچ ۾ هئي جو دشمن جي حملي کان بچيل هئي. آس پاس جي ڳوٺن وارا به انقلابين جا مددگار هئا. انقلابي فوجن اڏي لاءِ هن جو فيصلو ڪيو. هتي رهڻ لاءِ جايون نه هيون انهيءَ ڪري دفتر، اسپتال ۽ سمهڻ جا ڪمرا جبلن جي غارن ۾ کوٽي بنايا ويا. ڪيترن مهينن کان پوءِ چنگ لان هڪ ڏينهن آئينو ڏٺو، ڪنهن وقت لاءِ ته پنهنجو چهرو سڃاڻڻ هن لاءِ مشڪل ٿي ويو.

چنگ لان هينئر ڪم ڪرڻ جي هڪ مشين بڻجي وئي هئي. هنکي ائين معلوم ٿيندو هو ته هن ڏک ۽ بي انصافيءَ جي دنيا ۾ محبت، نزاڪت، سينگار، سير ۽ تفريح لاءِ نه وقت آهي نه جڳهه. ڏينهن، هفتا، مهينا، سال گذري ويا، ڏڪار پيا، دريائن ۾ سيلاب آيا، جپاني حملا

ٿيا، اڌ کان وڌيڪ ملڪ تي جپاني سامراجين جو قبضو ٿي ويو. مرڪزي سرڪار کي مجبور ٿي انقلابين سان ٺاهه ڪرڻو پيو ته جيئن سارو ملڪ هڪ ٿي غيرملڪي دشمنن جو مقابلو ڪجي. گهمسان جي جنگ لڳي، انقلابي گوريلا دستن، ڪمتراڻي دشمن ماريا، جپانين کان ڪيترو ئي جنگ جو سامان ڦري مٿن استعمال ڪيو ويو. ٻي جنگ شروع ٿي ويئي عوام جو گڏيل مورچو قائم ٿي ويو، ساري دنيا چيني ڪارنامن کان گونجي اٿي. چنگلان پنهنجي اسپتال ۾ انهن بهادرن جي مرهم پٽي ڪندي رهي، پر سندس چهري تي ڪڏهن به مسڪراهٽ جي جهلڪ نظر نه آئي. پوڙهو ڊاڪٽر ڪڏهن ڪڏهن کيس کلي چوندو هو، چنگلان تون ته جواني ۾ ئي پوڙهي ٿي وئي آهين. هو هميشه خاموش رهندي هئي، سندس اکين جي اکيان سندس ماءُ پيءُ ۽ ڀينرن ساٿين جا مرده چهرا گهمندا رهندا هئا.

هڪ ڏينهن جڏهن هوءَ ڪم تي ويٺي ته پوڙهي ڊاڪٽر فاهن جي جاءِ تي، هڪ سانورو اڻواقف ڊاڪٽر ويٺو هو،

”ڊاڪٽر فاهن ڪٿي آهي؟“ چنگلان چيني زبان ۾ چيو.

اجنبي انگريزي ۾ جواب ڏنو ”معاف ڪجو، مان اڃان سمجهي نٿو سگهان“

چنگلان پنهنجو سوال انگريزيءَ ۾ ڪيو.

”وا! ڊاڪٽر فاهن“ نوجوان جواب ڏنو هو پن سالن تائين رات ڏينهن ڪم ڪرڻ ۾ پوريءَ سبب ڪجهه ڏينهن آرام وٺڻ گهري ٿو، مان هن جي جاءِ تي ڪم ڪندس، جيڪڏهن اوهان کي ڪو اعتراض نه هجي.“ چوندي هن مرڪي ڏنو سندس ساوري چهري تي موتين جهڙا سفيد ڏند چمڪڻ لڳا.

”مون کي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو“ ائين چئي چنگلان پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو.

ست سال لڳاتار ڪم ڪرڻ کان پوءِ چنگ نرسنگ جي ڪم ۾ ڏاڍي پڙ تي پهچي ويو. هڪ ڏينهن ڊاڪٽر کيس چوڻ لڳو:

”شاباس ڇوڪرا! تون ته ڏاڍو هوشيار ٿو معلوم ٿين، پلا ڇيني ڇوڪريون نرسنگ جو ڪم ڪرڻ پسند نٿيون ڪن؟“

”ڪن ٿيون.... هڪ مان ئي اوهان جي اڳيان موجود آهيان“ ”نون- تون ته ڇوڪرو آهين“ ائين چوندي هن زور سان کلي ڏنو. پڻ تون جي ڇوڪري آهين ته مان وڏو بيوقوف آهيان. صبح کان وٺي مان توکي ڇوڪرو سمجهي رهيو آهيان. پلا هي وارو هي ڪپڙا.... چيني ڇوڪريون ته اهڙا ڪپڙا ڪونه پائينديون آهن“

”نہ ريشمي ڪوٽ ۽ پائينديون آهن، اهي ڇوڪريون جن جا پيءُ ماءُ حياتي وحشين جا ٻلو آهن ۽ هواچان ڏئين ۽ هانگ ڪانگ ۾ موچون ماڻي رهيا آهن“

انهيءَ تي هن اجنبي ڊاڪٽر چيو ”معاف ڪجو، دراصل حقيقت اها آهي تہ مان بلڪل نئون ماڻهو آهيان هندستان کان هاڻي آيو آهيان. توهان ٻڌو هوندو تہ هندستان کان تازو هڪ ڊاڪٽرن جو وفد آيل آهي“

هندستان!

دنيا جي نقشي ۾ هڪ سرخ ٽڪرو!
جاگرافيءَ جي ڪتاب ۾ هڪ سبق!

ڪيترن ئي هانگ ڪانگ ۾ ڏاڙهي وارا سک پوليس جا سپاهي.... انهيءَ زماني ۾ عام چيني هندستان جي باري ۾ انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ ڄاڻندا هئا، ۽ نہ وري ڪا بہ دلچسپي رکندا هئا، مگر چنگ لان جڏهن بہ هندستان جو ذڪر ٻڌنديهئي تہ سندس ياد ۾ اٽل پٽل اچي وينديهئي ۽ ائين محسوس ٿيندو هو، تہ هڪ ريشمي تار هن ۽ هندستان جي وچ ۾ ٻڌل آهي جا ڪوريئڙي جي ڄار وانگر نهايت باريڪ ۽ نازڪ، جنهن کي ڪيترين ڪوششن جي باوجود بہ هوءَ ٽوڙي نہ سگهي.

هن پنهنجي پيءُ کان ٻڌو هو تہ سوين سال اڳ سندن وڏن مان هڪ هندستان ويو هو ۽ اتي هن هڪ هندستاني

ڇوڪري سان شادي ڪئي هئي. جنهنجي هيءَ ساري پيداوار آهي. مون ”پارٽي چنگو“ جو ذڪر ڪيو هو ۽ هيءَ به ٻڌايو هئائين، ته جي ڪنهن به وقت ڪو انقلاب آيو ته ”پارٽي چانورن“ واري زمين ڪيزميندارن جي قبضي مان ڦريو ويندو. تيرهن سون سالن ۾ محبت جي تار ڇڪبي ڇڪبي اڀترو ته باريڪ ٿي ويئي جو ڏسڻ ۾ نٿي آئي. چنگلان جي ڌمني خــون ۾ شايد هڪ بوند ڪان به گهٽ هندستاني خون هوندو، انهيءَ هوندي به هندستان جو نالي ٻڌندي، اها هڪ بوند اڄ به مون جي خون ۾ زلزلو مچائي ڏيندي هئي. هندستاني ڊاڪٽر جڏهن ڪيس ٻڌايو هو ته آءٌ هندستان ڪان آيو آهيان. ته انهيءَ وقت ئي چنگلان جي خون ۾ هندستاني خون جي قطري اڀترو ته جوش کاڌو جو سندن ڳلن تـــي سرخي ٻوڙي وئي.

”چو، هندستان جو نالو ٻڌندي نون حيرت ۾ اچي وئي آهين“

”نه نه، مان سوچي رهي هيس ته مان به هندستان ڪان آئي آهيان“

”تون؟“ مون سمجهيو ته شايد چيني ڇوڪري مذاق ٿي ڪري.

”هائو، مان“ ۽ نه معلوم ته ڪيترن سـالن ڪان پوءِ چنگلان چاهيو ته ڪنهن سان ڳالهه ٻولهه ڪري

۽ ان کي پنھنجي خاندان جي عجيب ڪھاڻي ٻڌائي. موقعو ملندي ئي ھن اجنبي ڊاڪٽر کي پنھنجي پيءُ پنھنجي ماءُ، ڊاڪٽر سن يات سين ۽ اُن جي انقلابي سائين جي باري ۾ جو ڪجھه ياد ھو سو ٻڌايو. ۽ پنھنجي بزرگ پارٽي چنگوءَ جي باري ۾، پارٽي ڇاڙورن جي زمين جي باري ۾.....

انھيءَ تي ھندستاني ڊاڪٽر چوڻ لڳو "ڏِھن تہ تنھنجو ۽ منھنجو جھونو تعلق آھي. ملاھ ھٿ، منھنجو نالو دوارڪا آھي."

"منھنجو نالو چنگ لان آھي"

ھٿن ملائيندي ئي چنگ لان کي ائين محسوس ٿيو تہ ھي ٻن ھٿن جو ملڻ نہ آھي، بلڪ ٻن وڇڙيل ملڪن جو ميلاپ آھي، جي ھڪبئي جي ڏک درد ۾ حصي وٺڻ جو اعلان ڪري رھيا آھن. ٻہ پراڻيون تھذيبون ڳلي ملي رھيون تہ، رت رت کي سچائي محبت جي آواز ۾ پڪاري رھيو آھي.

دوارڪا جي مرڪ ۾ اھا روشني ۽ گرمي ھئي جنھن ٿورن ئي مھينن ۾ چنگ جي شھر جھڙي مضبوط دل کي پگھر ئي وڌو، ھن سوچيو تہ جڏھن ھندستاني ڊاڪٽر ڏھن ھزارن ميلن جو سفر ڪري پنھنجي چيني ڀائرن جي مدد ڪري سگھي ٿو، تہ پوءِ ھي منھنجا آزاديءَ ۽ انقلاب جا خواب ڪيئن نہ سچا ٿيندا.

انسانيت مثل نہ آهـي هو ۽ اڄ به زنده آهـي. انهن سوچيندي سوچيندي، هن جي دل ۽ دماغ تان نااميدي ۽ لاچاري ۾ جا ڪارا ڪڪر هميشه لاءِ ڇڙوڇڙ ٿـي ويا. ڇهن سالن جي عمر کان ماءُ جي خوفناڪ مـوت سبب هميشه لاءِ مٽجي ويل مرڪ سندس چپن تي وري پهر ظاهر ٿي.

جنگ جي وقت ۾ نئي دوارڪا ۽ چنگلان جـي شادي ٿي وئي نہ هندستاني شرنائيون وڳيون نہ چيني باجا، نڪي گهوٽ جي مٿي تـــي مور ٻڌاويا، نڪي ڪنوارئي ڏولي ۾ سوار ٿي. جهاني ٻمبازن جوشيطاني کيس، رات جي وقت ۾ ڦاٽندڙ گولن جـي هيبتناڪ آتشبازي ۽ ڦالل لٽل ٻرڻس جـو ڪندو ميرو ڪپڙن جو وڳو.... ۾ پنهنجي سائين جي نيڪ تمنائن جاڪل.... امڙي ۾ ريت دوارڪا ۾ چنگلان هميشه لاءِ هڪڻي جا ٿي ويا.

سال جي گذرنديئي سندس محبت ثمرآور ٿي.

چنگ، دوارڪا کي چوڻ لڳي:

”مان هن جو نالو ”پارتي چنگو“ رکندس،پنهنجي انهي ۾ بزرگ جي ياد ۾، جو پندرهن سو سال اڳي اوهان جي ملڪ ۾ پيدا ٿيو هو“

”پارتي چنگو“ نهايت خوبصورت ٻار هو. رنگ ماءُ جهڙو هوس ۽ اکيون پيءُ جهڙيون، جن ۾ هندستان

جي خوشي نه هئي ۽ هن جي بردباري به هوند رکوبيءَ ماءُ جي اکين جو تارو هو، بلڪ سڄي انقلابي پارٽي جو لاڏلو هو. جڏهن به ڪنهن وقت دشمن جو حملو ٿيندو هو ته هر هڪ آفيسر ۽ سپاهيءَ کي پهريائين چنکوءَ جي بچاءَ جي ڳڻتي هوندي هئي. ڪجهه مهينن ۾ ئي هو اهڙو ته عقلمند ٿيو، جو ڪنهن وقت رڙندي ڪو چوندو هوس "چنکوا نه رو، دشمن جا هوائي جهاز اچي رهيا آهن" ته هو هڪدم روئڻ بند ڪري ڇڏيندو هو.

جنهن ڏينهن چنکوپوري هڪ سال جو ٿيو، ان ڏينهن هڪ زبردست هوائي حملو ٿي رهيو هو. چنگلان ۽ دوارڪا کيس پيار ڪنديئي ڊاڪٽر فاهن جي بيوهه زال جي حوالي ڪندي، پنهنجي ڪم تي هليا ويا. انهيءَ ڏينهن سوين زخمي اسپتال وچي رهيا هئا، سڄيءَ رات دوارڪا ڪيترائي اپريشن ڪيا ۽ چنگلان سائس گڏوگڏ نرسنگ جو ڪم ڪندي رهي. صبح ٿيندي اهو ڪم ختم ڪري پنهنجي غار ڏانهن ايندي دوارڪا چوڻ لڳو "چنگلان! هيٺر ته سڀهن کي دل ٿي ٿئي، چوي ٿي ته هن پهاڙ جي چوٽيءَ تي نڪرنداڙ سج کي ڏسون" چنگلان آسمان جي طرف ڏٺو، آهستي آهستي وندهه غائب ٿي رهي هئي. چنگ چوڻ لڳي "ڇڱو هل، هيٺر ته حملي جو ڪو به خوف ڪونهي"

پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهي ڪجهه دير تائين ويهي رهيا. پرسان هڪ پهاڙي آبشار هو جنهن جي وڻندڙ آواز سان گڏ جهنگلي گلن ۽ گاهه جي خوشبوءِ ڪري فضا معطر هئي. پهاڙن جي پٺيان ڏيکاربندڙ روشني سج جي اڀرڻ جي خبر ڏيئي رهي هئي ۽ ساهمون ڳوٺڙن جي جهوپڙين مان دونهان نڪري رهيا هئا.

چنگ جي متي ڪنهن پنهنجي جهوليءَ ۾ رکندي دوارڪا چوڻ لڳو ”زندگي ڪيتري نه خوبصورت آهي چنگلان هڪ اهڙو تڏو ساهه کڻو جنهن ۾ حال بي سڪن سان گڏوگڏ گذريل وقت جي دکن جي اداسي به شامل هئي، چوڻ لڳو:

”ها دوارڪا! زندگي نهايت خوبصورت آهي، جوڪڏهن جنگ نه هجي، ظلم نه هجي ۽ بي انصافي نه هجي....“

دوارڪا چنگلان جي اکين سان اکيون ملائيندي چوڻ لڳو ”تون ڪيتري نه، چڱي آهين چنگلان! چالي تي ته هن خوبصورت منظر ۾ تون مون کي ڪيتري خوبصورت ٿي لڳين؟ مون کي ائين ٿو محسوس ٿئي ته تو کان سواءِ هي قدرت جي خوبصورتي به بيڪار هجي ها، نه گلن ۾ خوشبوءِ هجي ها، نه هن منظر ۾ ڪشش! تون نه هجين ته جو ڪر هيءَ روشني ئي نه هجي....“

چنگلان دوارڪا جي منهن ڏانهن وارن کي هٿ لائيندي
چيو ”هڪ ڳالهه ۾ وقعي اوهانجو چوڻ درست آهي....
آءٌ جنهنجي اولاد آهيان اهو پندرهن سئو ورهيه اڳ
اوهان جي ملڪ ۾ ديو هو، نهايت اعليٰ درجي جو
مصور هو، هڪ يڪت انهيءَ جي زندگي جا حالات
لکيا آهن، جي ڪنهن وقت ضرور پڙهجو. انهيءَ ۾
لکيل آهي ته چنگلان چوندو هو ”قدرت جي خوبصورتي
انسان کان سواءِ نه رکو اڌوري آهي پر بيجان به
آهي، انسان ئي آهي جو فطرت ۾ جان وجهي ٿو ۽
منجهس ساري خوبصورتي کي مڪمل ڪري ٿو.“

”تون نه ڪمتري نسبت سمجهدار آهين چنگلان!
مون ته گهڻو ئي توکان پرايو آهي، جاڻي ٿي ته جڏهن
آءٌ هت آيو هوس، ته فقط هڪ رانديگر هوس. جنگ
امن، آزادي، انقلاب، انهن چيزن کي جو هاڻ سمجهڻ
لڳو آهيان سو به فقط تنهنجي ئي ڪري“

”آءٌ به اوهان کان اڳ هڪ مشين وانگر هوس،
جا ڪم ته ڪري سگهي ٿي پر سوچي نٿي سگهي.
سچ ته مون کي توئي زنده ڪيو آهي دوارڪا!“....
۽ اُهي ٻئي چپ چاپ هو هڪٻئي ۾ نهارڻ لڳا ڪائنات
خاموش هئي پرسان آبشارن جي ڪرندڙ پاڻيءَ جو دل
بهلائيندڙ آواز اچي رهيو هو، سورج جا ڪرڻا پهاڙ
جي چوٽين کي چمي رهيا هئا، هيٺان واديءَ ۾ سرسبز

ڪمت اکين کي سروربخشي رهيا هئا، زندگي، جهوپڙين جي چلهن مان دونهون پنهجي آسمان جي طرف اڏامي رهي هئي.... دنيا خاموش هئي ۽ هنن ٻن پريمين کي ڏسي کلي رهي هئي.

چنگ جا ديوتا ٻن پريمين کي خوش ڏسي ڪتي ٽا خاموش رهن! پري کان هڪ پون‌پون جو آواز آيو جنهن کو زهريلو مکو هجي. آوازجيئن پوءِ نهن ويجهو پوندو ويو. ان وقت چنگ‌لان ۽ دوارڪا هڪٻئي جي محبت ۾ غرق هئا، گلن جي خوشبوءِ کان مست هئا، آبشارن جي سريلي آواز ۾ مگن ۽ موت کان بي‌خبر... موت جو ڪرندڙ بم جي صورت ۾ بجاءِ وانگر تيز رفتاري سان ڏانهن اچي رهيو هو....

موت جا ديوتا انهيءَ ننڍڙي انساني چراغ کي اجهائي نه سگهيا جو دوارڪا ۽ چنگ جي محبت ۾ ٻاريو ويو هو. هن اتاهم محبت جي جوڙي جي آخري نشاني "چنگو" زنده رهجي ويو. هو اڄ به زنده آهي، ۽ جيستائين هو زنده آهي، تيستائين دوارڪا ۽ چنگ زنده آهن، چانگ‌چن ۽ راڌان زنده آهن، هنن جي محبت زنده آهي، چين ۽ هندستان جو تعلق زنده آهي.

هن وقت جڏهن چيني عوام نه رڳو سامراجين کان بلڪ ظالم زميندارن، جاگيردارن، شاهوڪارن ۽ آفيمي اکين ۽ زرد ڏندن وارن پوليس جي بي رحم آفيسرن

ڪان، بک بيروزگاري، مرض ۽ مصيبت کان هميشه لاءِ آزاد ٿي ويا آهن. سيني زميون هارين ۽ ورهايون ويون آهن. اتر اوڀر چين جي هڪ ڳوٺڙي ۾ اهو ننڍڙو چنگو هڪ اجتماعي فارم تي پنهنجي سيني ڳوٺ وارن سان گڏجي ڪم ڪري ٿو. اڄ به اهي ”پارٽي چانور“ نه رڳو پنهنجي ملڪ بلڪ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ لکها غريبن جو پيٽ پرين ٿا، جي اڄ کان ٥١ سئو سال اڳ چانگ‌چن سرڻ وقت پارت ڪي....

اڄ جڏهن هر روز شام جو ”پارٽي چنگو هو“ سڪول ۾ پڙهڻ وڃي ٿو، تڏهن جاگرافيءَ جي سبق ۾ پارت جو ذڪر ايندڻي سندس چهري تي خوشيءَ جي لهر اچيو وڃي ٿيءَ بي‌اختيار سندس زبان مان هي جملو نڪريو وڃي ”منهنجي پيءَ جا ملڪا!“

هڪ ڏينهن اسڪول جي ايڊٽي ني پارت جي ڏڪار جو پڙنديڻي سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا، الهيءَ رات هن ماني به نه کاڌي، ٻئي ڏينهن کيٽ تي کيس پنهنجي حصي جو ان مليو جو هن ڏار ڪري رکي ڇڏيو. شام جو پڙهائي ختم ٿينديڻي سڌو استاد وٽ هليو ويو، ۽ چوڻ لڳو ”استاد صاحب! جيڪڏهن ڪنهن جو پيءُ بک سري رهيو هجي ته پٽ کهڙيءَ ريت پيٽ پري ڪائي سگهي ٿو؟“ استاد جواب ۾ فقط ايترو چيس ”هڪ دوست کي بکيو ڏسي ٻئي دوست کي ڪڏهن به آرام نه ايندو، الهيءَ ڪري ٿي ڪيترا

جهاز چانورن جا پارت کي موڪليا وڃن پيا"
ٻئي ڏينهن صبح جو سويرو هاري پنهنجي ڪلهن تي هر کنيو ٻنين ڏانهن وڃي رهيا هئا، هنن ڏٺو ته "پارتي چنگو پيو" مٿي تي هڪ ڪپڙو کنيو ٽڪڙو ٽڪڙو ريلوي اسٽيشن ڏانهن وڃي رهيو آهي.
"پارتي چنگو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟
انهيءَ ڇوڪري جنهنجو رنگ پنهنجي ماءُ وانگر زرد ۽ اکيون پيءُ وانگر وڏيون ۽ ڪاريون هيون، چوڻ لڳو "مان پنهنجي پيءُ کي ڪاڏو ڪارائڻ وڃي رهيو آهيان"
اتي اچي، چيني داڻو چوڻ لڳو "دوستو! منهنجي ڪهاڻي پوري ٿي هاڻي روسي دوست جو وارو آهي."
نوٽ:
هيءَ آکاڻي فلم جي صورت ۾ "ڊاڪٽر ڪوٽنس جي امر ڪهاڻي" ۾ ڏيکاريل آهي، هي فلم نهايت معلومات خيز ۽ ڏسڻ جهڙي آهي.

منصور پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

١- منهنجا ياڳ مان جا ياڳ!	محمد دائود بلوچ	۵/۰۰ رپيا
٢- ورڇي شل پيئڙي پڇب!	" " "	۵/۰۰
٣- ڳالهه هڪ رات جي .	گلشن سنڌي	۵/۰۰ "
۴- پاڙيءَ ناهه پيروڙ	بادل جمالي	۷/۰۰ "
۵- سماجي تانا سڪ ويا	نيلوفر مظفر	۹/۰۰ "
٦- ڪهاڻي نمبر ٨٠ع	(١٨ مختلف ڪهاڻيڪار)	١۵/۰۰ "
٧- ڪربلا	نورالهدیٰ شاهه	١٨/۰۰ "
٨- پيچ سيئن پيروڙ	ابن حيات پنهور	۹/۰۰ "
۹- چونڊ سنڌي ڪهاڻيون سهيڙيندڙ:- بادل جمالي		١۵/۰۰ "
١٠- رتل شيشا ۽ آڱريون	نور گهلو	١۵/۰۰ "
١١- ڏاڙهي جا پنا	اڪبر سومرو	٣/۰۰
١٢- ڪهاڻي نمبر ٨٢ع	(٢۴ ڪهاڻيڪار)	٢٠/۰۰ "
١٣- چار ڪهاڻيڪار چار نقاد	سهيڙيندڙ:- دائود بلوچ، بادل جمالي	١٠/۰۰ "
١۴- ذهين جو نوٽ	مرتبڪار:- محمد دائود بلوچ	١٠/۰۰ "
١۵- چار ڏاڻا	ابن حيات پنهور	

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري مارِڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صـدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُوڙو آهي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بـہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بـہ ٿـي سگهن ٿا. ٻيـن لفظن ۾ پَـنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تـہ ڪي ڪـم اُجرتي بنيادن تـي بـہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بـہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نـہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽانـدڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ. هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)